# پيغامبر

___ خليل جبران

مترجم:
ستار

ڪمپوزنگ:
ڪوثر علي پتو، سوپو ديرو

وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

# پيغامبر

مصنف: خليل جبران
مترجم: ستار

نيو فيلڊس پبليڪشن
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
**1989**ع

# تعارف

جبران خليل جبران **1883**ع ۾ لبنان جي ڀهراڙيءَ ۾ ”الارزالخالد“ جي پرسان ”بشريٰ“ ۾ جنم ورتو. ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ وطن جا ورڻ ڇڏي متحده امريڪا وڃي وسايائين.ڪجهه ورهيه اتي گذاري عربي زبان ۽ ادب جي تحصيل لاءِ بيروت آيو ۽ ”مدرسه حڪمت“ ۾ داخل ٿيو.

**1903**ع ۾ واپس آمريڪا ويو ۽ پنجن ورهين تائين اتي رهيو.انهيءَ وچ ۾ گهڻو وقت بوسٽن ۾ رهيو، جتي هن ڪجهه ڪتاب عربيءَ ۾ لکيا.

**1908**ع ۾ اشاراتي چترڪاري ۽ ٻين فنون لطيفه جي تڪميل ۽ يورپ جي وڏن وڏن شهرن جي سياحت لاءِ پيرس جو سفر ڪيائين ۽ **1912**ع ۾ امريڪا واپس اچي نيويارڪ ۾ هميشه لاءِ رهائش اختيار ڪيائين. هاڻي جبران سموري دنيا جي اهلِ فن جي نگاهن جو مرڪز هو. سندس مشهور **8** عربي رچنائون آهن (جنهن ۾ عرب جي فيلسوفن جون تصويرون به آهن)

انهن کان سواءِ ڪجهه غيرفاني مقالا آهن جي مختلف وقتن تي شايع ٿي يورپ جي گهڻين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن.سندس انگريزي رچنائون آهن: (المجنون (Man The Mad، السباق (The Fore Sumer)، النبي (The Prophet)، رمل و زبد (Sand and foam) اهي چارئي ڪتاب عربيءَ ۾ شايع ٿي چڪا آهن.

جبران جو هڪ ٻيو بي مثال ڪتاب ’الرسوم العشرون‘ (ويهن تصويرن جو البم) آهي.

# فهرست


1 جهاز جواچڻ
2 محبت
3 شادي
4 ٻار
5 عطا ۽ بخشش
6 کائڻ پيئڻ
7 محنت
8 ڏک ۽ خوشي
9 گھر
10 لباس
11 خريد ۽ وڪرو
12 ڏوھ ۽ سزا
13 قانون
14 آزادي
15 عقل ۽ جذبو
16 غم
17 نفس جي سڃاڻپ
18 تعليم
19 دوستي
20 ڳالھائڻ
21 زمانو
22 چڱائي ۽ مَٺائي
23 دعا
24 عيش
25 حُسن
26 مذھب
27 موت
28 وداع

# منهنجو خيال

اديب جنهن معاشري ۾ پيدا ٿيندو آهي، ان معاشري جو پنهنجي دوربين ۽ خوردبين اکين سان معائنو ڪندو آهي، ۽ ان جي ذهن جي تجربيگاهه ۾ پوري طرح چڪاس ڪري، ان جي گهٽتائين ۽ زيادتين، برائين ۽ ڀلائي، بيماري ۽ تندرستيءَ کي پنهنجي ماهرانه راءِ سان، ماڻهن جي آڏو پيش ڪندو آهي. اهڙي اديب کي پنهنجي معاشري جو Specialist چاتو ويندو آهي.
اها حقيقت هر ڪو مڃي چڪو آهي ته اديب معاشري جي معالج جي حيثيت رکي ٿو. پنهنجي معاشري جي هر اُگهائيءَ جي نه صرف نشاندهي ئي ڪري، پر ان جو مثبت علاج پڻ تجويز ڪري ٿو.
جبران خليل جبران جنهن دور جي پيداوار آهي، جنهن معاشري ۾ هن پنهنجو ٻالاپڻ کان جوانيءَ تائين، جيڪو ڊگهو عرصو بسر ڪيو، ان عرصي دوران، هن پنهنجي معاشري کي پنهنجي حساس طبيعت سان محسوس ڪيو. سندس دور مذهبي ڪٽرپڻي جو دور هو، جنهن ۾ عيسائي مذهبي رکوال، عام ماڻهن جي هر چرپر کي، سندن هر پسند کي، اجان به سندن هر آزاد سوچ کي، مذهب جي آڙ ۾ آڻي، ٿڏي ڇڏيندا هئا ۽ کين هميشه ڊپ ۽ خوف ۾ زندگي بسر ڪرڻ جي تلقين ڪندا هئا.
اهڙي معاشري ۾، جنهن ۾ رڳو خوف ئي خوف هجي، ماڻهو پنهنجي سمجهه ۽ سوچ آهر،پنهنجي زندگيءَ کي بهتر کان بهتر ۽ بهترين ڪيئن ٿي ٺاهي سگهيو. ان دور ۾ عيسائي ڪليسيا جي هٿ هيٺ حڪومتون هلنديون هيون ۽ اهي پڻ مذهبي اڳواڻن جي عقاب کان آجيون نه ٿي رهي سگهيون، جنهن ڪري ڪابه حڪومت چاهيندي به ماڻهن جي حقن جي حفاظت ڪري نه سگهندي هئي. جبران خليل ان کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي جنم پوجبران کي پنهنجي جنم ڀوميءَ سان بيحد لڳاءُ هو ۽ هن پنهنجي معاشري جي اوڻائين ۽ براين جي نشاندهي ڪرڻ شروع ڪري ڏني ۽ جيئن ته اها نشاندهي، ڪليسيائي قانون جي خلاف چاتي ٿي وئي، انڪري کيس ڪافر قرار ڏئي، ملڪ مان لوڏي ڪڍيو ويو،جنهن بعد هن ”خليل ڪافر“ نالي افسانو لکيو.
جلاوطني پنهنجي ليکي هڪ قيد آهي. اهڙو قيد، جنهن ۾ ماڻهو ظاهري طرح آزاد هجڻ جي باوجود، ڪڏهن به اوڏانهن وڃي نه ٿو سگهي، جنهن لاءِ هو زنده هجي. جنهن زمين جي مٽيءَ سان جڙيو هجي، ۽ جتي داڏو ڀاڻي ڪائي وڏيو ويجهيو هجي، جنهن ڌرتيءَ کي گلزار بنائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو هجي، پنهنجي چاهت، پنهنجي خواب کي خوابن کان سواءِ پائي نه سگهي.

جبران پنهنجي جلاوطنيءَ جي دوران لکڻ بند نہ ڪيو. سوچڻ ڇڏي نہ ڏنو ، پنهنجي ديس جي معاشري جي هر برائيءَ جي نشاندهي ڪرڻ کان ڪين ڪيٻاياڻين. هن جون دوربين اکيون، آمريڪا ۾ ويهي لبنان جا نظارا ڏسنديون هيون ۽ پنهنجي جنم ڀوميءَ جي ماروئڙن تي مذهب جي آڙ ۾ وڙهندڙ هر ويل جو جائزو وٺندو رهيو. هن ايترو دور هوندي بہ پنهنجي مادر وطن ماڻهوئڙن جي اهنجن ۽ ايذائن کي پنهنجن لکڻين ۾ آڻيندو رهيو.

”بندي ٻيا قرار، اسان لوچيون لوهہ ۾،
مٿي تن تراز، سدا ساميئڙن جي _ “

سندس لبنان لاءِ سوچ ۽ لوچ کائنس ”تُنهنجو لبنان، منهنجو لبنان“ لکرائي.

ان جلاوطنيءَ جي دور ۾ بہ جو ڪجھ لکيائين، اهو ان ئي ٻوليءَ ۾ لکيو، جنهن ٻوليءَ ۾، ماءُ جي جهوليءَ ۾ لوليون ٻڌيون هئائين. جنهن سان ڪيس بيحد لڳاءُ هو. پر هن هڪڙو ناولٽ انگريزي ٻوليءَ ۾ لکيو، اهو آهي The Prophet دي پرافٽ نہ صرف آمريڪا ۾ مشهور ٿيو، پر اهو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اوترو ئي مقبول ٿيو، جيترو انگريزيءَ ۾ ۽ آمريڪا ۾ _

هي ناولٽ هڪ طويل انٽرويو جيان آهي، جيڪو هڪ اهڙي ماهر کان ورتو ويو هجي جيڪو زندگيءَ جي هر شعبي تي مهارت رکندو هجي. هو هر ماڻهوءَ جي اهنجن، ايذائن، ڏکن ڏوجهرن، خوشين ، پيار ۽ چاهت، ويندي کاڌ خوراڪ، پهرڻ ۽ محبتن ۽ محنتن مان واقف هجي.

جبران هن ناولٽ ۾ محنت جي باري ۾ ٻڌائيندي چوي ٿو: ”محنت جي وسيلي زندگيءَ سان محبت ڪرڻ، ٻين لفظن ۾ زندگيءَ جي سڀ کان اونهن رازن تائين پهچڻ آهي. جيئن توهين پنهنجي دل جي تار ڪدي ان مان ڪوئي ڪپڙو ٺاهيو تہ اهو توهان جو محبوب پائي“.

هن ناولٽ ۾ جبران جي پنهنجي انهن احساسن جي اپٽار آهي جيڪي هو پنهنجي ديس واسين ۾ ڏسڻ پيو گهري. حقيقت ۾ جبران جون سڀ لکڻيون، چاهي اهي افسانہ هجن، چاهي ناولٽ هجن، چاهي سندس شاعري هجي، ان ۾ فيلسوفياڻا نقطا آهن، جيڪي عام انسانن سان گهرو تعلق رکن ٿا.

**ستار پيرزادو**

ڪراچي سنڌ.

***18 نومبر 1984***

# جهاز جو اچڻ

**مصطفيٰ**، جيڪو پسنديده ۽ محبوب، جيڪو زماني جو چمڪندڙ صبح هو.
شهر فاليس ۾ پنهنجي جهاز جو ٻارنهن سال انتظار ڪندو رهيو. جنهن ڪي هڪ ڏينهن اچي، کيس هڪ ننڍي جزيري ۾ وٺي وڃڻو هو. ان ننڍي جزيري ۾، جيڪو سندس جنم ڀومي هو.
ٻارنهن سال، ڊسمبر جي ستين تاريخ ۽ اهي ڏينهن فصلن جي لبڻ جا هئا. هو شهر جي هر ٻهاڙ تي چڙهيو ۽ سمند ڏانهن نظر ڪيائين. سندس جهاز ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل، هن ڏانهن اچي رهيو هو. سندس دل جا دروازا ڀاڙهي کلي پيا.
خوشيءَ جو هڪ ڦوهارو نڪتو ۽ تيزيءَ سان وهندو پوري سمنڊ تي ڇائنجي ويو.
هن اکيون بند ڪيون ۽ دل ۾ دعائون گهرڻ لڳو.
جيئن ئي هو ٻهاڙيءَ تان هيٺ لٿو. اداسيءَ هن کي وڪوڙي ڇڏيو. هن پنهنجي دل ۾ سوچيو: ”مان مطمئن ۽ بي غم ٿي ڪين وڃي سگهندس؟“ نه ! ڪڏهن به نه !!
مان پنهنجي دل تي پٿر رکي هي شهر ڪيئن ڇڏي سگهندس. ڏک جا ڏينهن، جيڪي مون هن شهر جي چوديواريءَ ۾ گهاريا، ڏاڍا ڏکيا هئا.
۽ هيڪلائيءَ جون راتيون، جيڪي مون هن وسنديءَ ۾ گذاريون، ڏاڍيون ڏکيون هيون.
۽ ڪير آهي جيڪو پنهنجي ڏک ۽ هيڪلائيءَ کان جدا ٿيو ۽ سندس دل رنج ۽ مايوسيءَ کان نه ڏڙڪي هجي.
پنهنجي دل جي رت جا ڪيترا ڦڙا مون هن شهر جي گهٽين ۾ وهايا آهن.
۽ منهنجي جگر جا ڪيترا ٽڪرا انگ اگهاڙا هنن ٻهاڙين ۾ گهمي رهيا آهن. مان پنهنجي روح تي بار رکئي بناء پنهنجي دل ۾ سور محسوس ڪئي بنا ڪين ڪيئن ٿو ڇڏي سگهان؟
هي ڪو لباس ناهي، جيڪو اڄ مان پنهنجي جسم تان لاهي رهيو آهيان، پر منهنجي کل آهي، جنهن کي مون کي پنهنجي ٻنهي هٿن سان چڪي اچلائڻو ٿو پوي.
اهو ڪو خيال به ناهي، جنهن کي مان ڇڏي رهيو آهيان. پر دل آهي جنهن کي بک پچايو آهي ۽ اڄ رَسُ پيدا ڪئي آهي.
پر هاڻ مان هتي تَرسي به نه ٿو سگهان.
سمنڊ، جيڪو هر شيءِ کي پنهنجي هنج ۾ چڪي وٺندو آهي، مون کي ڏسي رهيو آهي، ۽ مون لاءِ ان کانسواءِ ٻيو ڪو رستو به ناهي ته مان پنهنجا سڙهه کولي ڇڏيان.

انڪري جو منهنجو هتي رهڻ، جنهن رات جون گهڙيون، اُلن جيان پڙڪي رهيون هجن، هڪ جمود آهي، جڻ ڪوئي پاٽياٽ، جمي ۽ بلوري ٿي هڪ سانچي ۾ بند ٿي ويو هجي.
ڪاش! مان پنهنجي اوسي پاسي وارن کي ساڻ وٺي وڃي سگهان ها. پر ان جي ڪا ضرورت ڪانهي.
آواز زبان ۽ چپن کي پاڻ سان گڏ وٺي نه ٿو وڃي سگهي. جيڪي ڪيس اڏامڻ لاءِ پَر عطا ڪندا آهن ۽ آسمان جا تارا اڪيلي لاهيندا آهن.
اهڙي طرح باز، جڏهن سج جي سازيندڙ ڪرڻن کي چيريندو اڏامندو آهي ته اڪيلو هوندو آهي. پنهنجي آکيري کي ساڻ کڻي نه ويندو آهي.
جڏهن مصطفيٰ جبل جي چوٽيءَ تي پهتو، ته هن سمنڊ تي پيهر نظر وڌي ته هن ڏٺو ته سندس جهاز هوريان هوريان بندرگاهه جي ويجهو ٿيندو ٿو وڃي ۽ سندس هڪ وطن جا ملاح، جهاز جي اُڀل تي بيٺا آهن.
هن جي روح جي اختيارڪين سڏيو ۽ چيو: اي موج جا شهسوار!
اي منهنجي ماءُ منهنجي وطن جا پهلوانو! مون مدتن کان توهان کي پنهنجي خوابن ۾، سمنڊ تي ترندي ڏٺو آهي ، هاڻ اوهان منهنجي سجاڳيءَ ۾ مون ڏانهن اچي رهيا آهيو.
ڏسو مان هلڻ لاءِ تيار آهيان ۽ منهنجو شوق پنهنجا سڙهه کولي هوا جي جهوٽن جو منتظر آهي. بس هڪ دم، آخري دَمُ مان ان خاموش فضا ۾ڪٽان.
ان کان پوءِ مان اوهان ڏانهن هليو ايندس.
سمنڊ جو مسافر سمنڊ جي مسافرن ۾ شامل ٿي ويندو.
۽ تون اي وشال سمنڊ! اي خوابيده جي ماءُ! تون، تنهن جي ئي هنج ۾ نهرن ۽ دريائن کي اطمينان ۽ آزادي نصيب ٿيندي آهي. ٿورو ترس! هن نديءَ جون چوليون چند وکون وڌندي ۽ سندن نغمي جو هڪ پڙاڏو هن سر سبز واديءَ ۾ گوجندو، ته مان تو وٽ هليو ايندس.
هڪ اڻ کٽ ڦڙو هڪ اڻ کٽ سمنڊ ۾!
جڏهن هو اُڳتي وڌيو ته هن پري کان ڏٺو ته مرد ۽ عورتون پنهنجا پنهنجا فصل ۽ گهاٽ ڇڏي، تکين تکين وکن سان شهر جي دروازي ڏانهن اچي رهيا آهن.
هن ٻڌو هو ته ڪيس سندس نالو وٺي وٺي سڏي رهيا آهن. فصل فصل ۾ وڌي آواز، جهاز جي اچڻ جو اعلان ڪري رهيا آهن.
هن دل ۾ چيو: ڇا جدائيءَ جو ڏينهن ئي ميلاپ جو ڏينهن ٿيندو؟
۽ ڇا چيو ويندو ته منهنجي شام دراصل منهنجو صبح هو؟ ان شخص کي مان ڇا ڏئي سگهندس، جنهن منهنجي لاءِ پنهنجو هرُ پوک ۾ ڇڏي ڏنو.
جنهن مون لاءِ شراب رچائڻ واري مشين جو ڦيٿو ڦيٿو هلائيندي هلائيندي جهلي ڇڏيو.

ڇا منهنجي دل هڪ ٻريل وڻ نہ ٿو ٿي سگهي جيئن مان ان مان ميوا پٽي هنن ۾ ورهائي سگهان.
ڇا منهنجون تمنا ئون هڪ چشمي جيان ڦٽي نہ ٿيون سگهن جيئن انهن مان پيالا ڀري وٺان؟
ڇا مان ستار آهيان،جو قدرت جو هٿ منهنجي تارن کي ڇيڙي ؟
يا بانسري آهيان، جو ان جا ساهہ منهنجي سيني مان لنگهن؟ مان خاموشين جو ڏيڍر آهيان.
تہ اهو ڪهڙو خزانو آهي، جيڪو مون هنن جي تهن مان لڌو ۽ هاڻ ان کي اطمينان ۽ اعتماد سان ورهايان ؟
جيڪڏهن اچوڪو ڏينهن جنهنجي فصل جي لوڀ جو ڏينهن آهي تہ ڪهڙي پوک ۾ مون پنهنجو ٻج ڇٽيو هو ؟
۽ اهو ڪهڙو فصل هو، جيڪو منهنجي ذهن سان ملي ويو آهي ؟
جيڪڏهن پڪ ٿي هيءَ اها گهڙي آهي. جڏهن مون کي پنهنجي ڏياتي کڻڻي آهي تہ ان ۾ روشن ٿيڻ وارو شعلو منهنجو شعلو نہ هوندو.
۽ شايد مان پنهنجي خالي ۽ اونداهي ڏياتي کڻندس.
رات جو پهريدار ان ۾ تيل وجهندو ۽ اهو ئي ان کي روشن بہ ڪندو.
اهي هيون اهي ڳالهيون جن کي مصطفيٰ لفظ ۽ بيان جو لباس پهرايو پر ڪيتريون ئي ڳالهيون سندس دل ۾ اڻ چيون رهجي ويون.
هو بہ پنهنجي اونهي راز تان پردو کڻي نہ ٿي سگهيو. ۽ جڏهن هو شهر ۾ گهڙيو، تہ سڀ شهر واسي کيس ملڻ آيا.
هو سڀ کيس هڪ آواز ٿي سڏي رهيا هئا.
شهر جا وڏا پوڙها هن ڏانهن وڌيا ۽ چيائونس:
”ايترو جلد اسان وٽان نہ وڃ. تون اسان جي زندگيءَ جي ٽڙ تڪڙ ۾ آڌيءَ رات جو سج ٿي چمڪئين. ۽ تنهن جي جوانيءَ اسان کي ڪهڙا ڪهڙا خواب ڏسڻ سيکاريا.“
” تون اسان ۾ ڪو ڌاريو يا مهمان نہ آهين. پر اسان جو پيارو پٽ آهين. جنهن تي اسان جا روح قربان آهن. اسان جي اکين کي پنهنجي حسين چهري جي ديدار جو اُڃو نہ بڻاءِ.“
هاڻ پاڻي ڀرڻ واريون عورتون ۽ مرد هن ڏانهن وڌيا ۽ چيائون: ”سمنڊ جي لهرن کي پنهنجي ۽ اسان جي وچ ۾ نہ آڻ. ۽ جيڪي مهينا ۽ سال تون اسان سا گڏجي گذاريا آهن انهن کي ”ياد“ نہ بڻاءِ. تون هڪ روح جيان اسان جي چوڌاري ڦريو آهين.“
”تنهنجو پاڇو هڪ روشني آهي، جنهن اسان جي چهرن کي روشن ڪيو آهي.“
”اسان تو سان بي پناهہ محبت ڪئي آهي. پر اسان جي محبت جي زبان هئي ۽ پردن ۾ لڪل هئي.“

”پر هاڻ اها توکي وڏي آواز سان سڏي رهي آهي. ۽ تنهن جي آڏو بي پردہ بيهڻ تي گهري. ۽ هميشہ کان ائين ٿيندو آهي تہ محبت پنهنجي گهرائيءَ کان بي خبر رهندي آهي، اوستائين جو جدائيءَ جي گهڙي اچي وڃي.“
بيا ماڻهو بہ آيا ۽ هن کي التجائون ڪرڻ لڳا. پر مصطفيٰ ماٺ رهيو.
ان کان پوءِ هن پنهنجو ڪنڌ جهڪايو ۽ جيڪي ماڻهو سندس ويجها بيٺا هئا انهن ڏٺو تہ هن جي سيني تي ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا.
ماڻهن جي ميڙ ۾ هو هليو. ايسين جو ميڙ عبادتگاهہ جي آڏو هڪ وسيع ميدان ۾ پهچي ويو.
هيڪل[1] جي هڪ ڪنڊ مان هڪ ڪاهند[2] نڪتي جنهن جو نالو المترا هو.
هن المترا تي هڪ شفقت پري نظر وڌي. انکري جو سڀ کان پهرئين هن ئي ايمان آندو هو.
ان وقت جڏهن هن کي شهر آئي هڪ ئي ڏينهن ٿيو هو. عورت، وڏي گرمجوشيءَ سان کيس سلام ڪيو ۽ چيائين: ”اي خدا جا موڪليل! اي منتها جي پويا ڍڪندڙ! تنهن جون نگاهون، پنهنجي جهاز جي تلاش ۾ آسمان جا تارا لاهينديون رهنديون آهن. ۽ هاڻ تنهنجو جهاز اچي ويو آهي ۽ توکي وڃڻو ئي پوندو. تنهنجي دل پنهنجي يادن جي سرزمين جي لاءِ ڏاڍي بي چين آهي، جيڪو تنهنجي وڏين وڏين خواهشن جو وطن آهي.
اسان جي محبت توهان جي پيرن جو زنجير بڻجي نہ سگهندي. نہ ئي اسان جون ضرورتون تنهنجا قدم جهلي سگهنديون.
پر اسان چاهيون ٿا تہ پنهنجي وڃڻ کان اڳ تون اسا سان ڪجهہ ڳالهيون ڪرين.
پنهنجي ”حَقَ“ مان ڪجهہ حصو اسان کي ڏي. اسان اهو پنهنجي اولاد کي ڏئي ويندا سون، ۽ اهي پنهنجي اولاد کي ۽ اهڙي طرح اهو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو.
ڇا توهان پنهنجي اڪيلائيءَ ۾ اسان جي دلين جي رکوالي نہ ڪئي ؟ ۽ پنهنجي سجاڳيءَ ۾ اسان جي روئڻ ۽ ٽهڪن جا آواز نہ ٻڌا جيڪي ننڊ ۾ اسان جي وات مان نڪرنداهئا؟ اسان توهان کي التجا ٿا ڪريون تہ اسان جي روح جا اسرار اسان تي ظاهر ڪر ۽ اسان کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌايو جيڪو توهان موت ۽ زندگيءَ جي وچ ۾ ڏٺو آهي.“
هن جواب ڏنو، ”اي المترا ۽ فاليس وارؤ! مان توهان سان ڇا ٿو ڳالهائي سگهان؟ مان جيڪڏهن چوندس تہ ان شيءِ جي باري ۾ چوندس، جيڪا هاڻ بہ توهان جي روح ۾ چوليون هڻي رهي آهي.“

************

[1] هيڪل: يهودين جي عبادتگاهہ
[2] ڪاهند: هيڪل جي سنڀال ڪندڙ عورت

# محبت

”اسان کي محبت جي باري ۾ ڪجهه ٻڌاءِ؟“ ”المترا چيو. هن پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ ماڻهن ڏانهن ڏٺائين.
ميڙ تي ماٺ مڙهجي وئي ۽ هن ڳوڙهي آواز ۾ چيو:
”جڏهن محبت توهان کي سڏي ته ان جي پويان وڃو. پل ته ان جون راهون ڪٺن ۽ دشوار ڇونه هجن.
۽ جڏهن هوءَ توهان کي پنهنجن پيرن ۾ ويڙهي، ته خوشيءَ سان ويڙهجي وڃو. توڙي ان جي پيرن ۾ لڪل تلوار توهان کي زخمي به ڪري وجهي.
۽ جڏهن توهان سان ڳالهائي ته تعظيم ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو! توڙي هن جو آواز توهان جي خوابن کي ڌاهي به وجهي. جيئن اتر جي هوا باغ اجاڙي ڇڏيندي آهي.
”محبت اوهان جي مٿي تي تاج رکندي آهي ۽ توهان کي سوليءَ تي به چاڙهي ڇڏيندي آهي.
هوءَ توهان جي حياتيءَ جي وڻ جي ٽُڙڪي مظبوط به ڪندي آهي ۽ ان جي ٽارين کي ڇانگهيندي به آهي.
۽ جيئن هوءَ ان جي چوٽيءَ تي پهچي ان جي انتهائي نازڪ ۽ نرم پنن سان کيڏندي آهي ۽ اها سج جي هنج ۾ چمڪندي آهي.
اهڙي طرح هو ان جي پاڙن ۾ لهندي آهي جيڪي زمين سان چهٽيل آهين ۽ انهن کي ڌوڏي ڇڏيندي آهي. هوءَ اوهان کي اناج جي سٿين جيان پنهنجي هنج ۾ پڪوڙي ڇڏيندي آهي، ۽ توهان کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڇنڊيندي ۽ ڇوڪيندي آهي. وري هوءَ اوهان کي ڇڇ ۾ ڇنڊيندي آهي، ۽ ڇاڻ توهان کان جدا ٿي ويندو آهي. وري توهان کي جنڊ ۾ پيهي سنهڙو اٽو ٺاهيندي آهي. وري ان اٽي کي ايترو ڳوهيندي آهي جيئن ان ۾ لوچ پيدا ٿي وڃي. جيئن توهان الوهيت جي مقدس دسترخوان جي مقدس ماني بڻجي وڃو. محبت اهي سيئي عمل توهان تي ڪندي آهي ته توهان پنهنجي دل جا راز پروڙي سگهو. ان سڃاڻ سان توهان زندگيءَ جو هڪ حصو بڻجي وڃو.
پر جيڪڏهن توهان ڊڄي ويؤ ۽ توهان صرف محبت جو سڪون ۽ محبت جي لذت ئي ڳولي ته بهتر اهو آهي ته پنهنجي اگهاڙپ کي لڪائي توهان محبت جي ڏيهر مان نڪري وڃو.
اهڙي جميل دنيا ڏانهن جيڪا موسمن کان خالي هجي. جتي توهان کلندؤ پر دل کولي کلي نه سگهندؤ. محبت پاڻ کانسواءِ ڪجهه نه ڏيندي.
۽ محبت پاڻ کان سواءِ توهان کان ڪجهه نه وٺندي آهي.

محبت ڪنهن تي قبضو نه ڄمائيندي آهي. نه ئي محبت تي ڪو قبضو ڪري سگهندو آهي. ڇو ته محبت جي لاءِ اهو ئي ڪافي آهي ته اها محبت آهي.
جڏهن توهين محبت ڪريو ته توهان کي اهو نه چورڻ گهرجي ته : ”خدا منهنجي دل ۾ آهي.“ پر اهو چئو ته : ”مان خدا جي دل ۾ آهيان.“
اهو نه ڄاڻو ته توهان جيڪڏهن چاهيو محبت جو منهن ڦيرائي ٿا سگهو.
محبت پاڻ اوهان جي رهنمائي ڪندي آهي، پر توهان کي پنهنجي اطاعت جي قابل سمجهي.
محبت پنهنجو پاڻ ڪانسواءِ ٻي ڪابه خواهش نه رکندي آهي.
بس جيڪڏهن توهان محبت ڪريو ۽ خواهشن ڪانسواءِ ڪابه راهه نه هجي ته توهان جي انهن خواهشن کي گهرجي ته اهي رجي، وهندڙ چشمو بڻجي وڃن. جيڪو رات جي خاموشين کي پنهنجا گيت ٻڌائيندو آهي.
انهيءَ درد کي محسوس ڪريو جيڪو مدهوشيءَ جي لهرن ۾ ويڙهيل هوندو آهي.پنهنجي طور تي محبت کي سڃاڻو ۽ ان جا تير پنهنجي سيني تي سَهو! ۽ ڪل خوشيءَ سان پنهنجو رت وهڻ ڏيو.
سج جو پهريون ڪرڻو نڪرڻ مهل اهڙيءَ طرح سجاڳ ٿيو ته توهان جي دل شوق ۽ عشق جي پرن سان اڏامي رهيو هجي. ۽ محبت جي هڪ نئين ڏينهن جو، شڪر ۽ احسان جي جذبن سان استقبال ڪريو.
منجهند جو جڏهن توهان ننڊ جي هنج ۾ ويڙهيل هجو ته محبت جي نشي کان سرور اندوز ٿيندا رهو.
۽ شام جو جڏهن توهان پنهنجي گهر موٽي اچو ته محبت جي لاءِ ننهن کا چوٽيءَ تائين سپاهي بڻجي اچو.
وري رات جو جڏهن اوهين سمهڻ لڳو، ته توهان جي دل ۾ محبوب جي ياد هجي ۽ توهان جي چپن تي ان جي مدح ۾ وڏائيءَ جو گيت هجي!“

**************

# شادي

المترا جا چپ چرپر ۾ آيا ۽ هن پڇيو : ”شاديءَ جي باري ۾ توهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟ منهنجا آقا ؟“
هن جواب ڏنو: “توهان مرد ۽ عورت، گڏ پيدا ٿيا آهيو ۽ ابد تائين زندگي گڏجي گذاريندؤ. ۽ جڏهن موت جون سفيد پانهون توهان جي حياتيءَ جي خاڪ کي اڏائي ڇڏينديون، ان ويل به توهان گڏ رهندوء.
ها! توهان گڏ رهندؤ، ايستائين جو الله جي گنڀير حافظي ۾ به ! پر توهان کي پنهنجي وصل ۾ ڪجهه فعل به رکڻ گهرجي. جيئن آسمان جون هوائون توهان ٻنهي جي وچ ۾ ناچ ڪري سگهن.
توهان هڪٻئي سان ضرور محبت ڪريو، پر محبت کي زنجير نه بڻايو! توهان جي محبت ته هڪ سمنڊ هئڻ گهرجي. جيڪو توهان جي روحن جي ڪنارن جي وچ ۾ لهرون هڻندو رهي.
هڪٻئي جا پيالا ڀريو پر ٻئي هڪ ئي پيالي ۾ نه پيو. هڪ ٻئي کي پنهنجوگرهه ڏيو پر ٻئي هڪ ئي ماني ملي نه کائو.
هڪٻئي سان گڏجي ڳايو، نچو ۽ خوشيون ماڻيو. پر هڪٻئي کان آزاد به نه رهو. جيئن سارنگيءَ جون تارون هڪ ئي گيت سان لڏنديون آهن پر هڪٻئي کان ڌار رهنديون آهن.
پنهنجي دل هڪٻئي کي ڏيو، پر ان کي مالڪ نه بڻايو! ان لاءِ ته فقط حياتيءَ جو هٿ ئي توهان جي دلين کي پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهندو.
هڪٻئي سان گڏجي بيهو. پر هڪٻئي کان وڇڙي نه وڃو! انڪري ته ڪليسيا جا ٿنڀا هڪٻئي کان ڌار ڌار قائم رهندا آهن.
شاهه بلوط ۽ پيا وڻ هڪٻئي جي ڇانءَ ۾ وڌندا ناهن.

****************

# پار

هڪ عورت جيڪا ٻار کي سيني سان لايو بيٺي هئي، چيائين : ”اسان کي ٻارن جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو!“

مصطفيٰ چيو : ”توهان جا ٻار، توهان جا ناهن.اهي زندگيءَ جا پٽ ۽ ڌيئرون آهن. جڏهن زندگي پاڻ پنهنجي عشق ۾ بيقرار ٿيندي آهي، اهي توهان جي ذريعي زندگيءَ ڏانهن ايندا آهن. توهان مان ناهن ايندا. ۽ جيتوڻيڪ هو توهان جي هنج ۾ پلبا آهن پر اهي توهان جي ملڪيت نه هوندا آهن.

توهان کين پنهنجي محبت ڏيو، پر پنهنجا فڪر انهن تي نه مڙهيو. انڪري جو انهن جا پنهنجا فڪر آهن.

توهان هنن جي جسم کي گهر جون آسائشون پهچائي ٿا سگهو، سندن روح کي نه. انڪري جو انهن جا روح مستقبل جي گهرن ۾ رهندا آهن.

انهيءَ گهر ۾ اوهان وڃي نه ٿا سگهو. پنهنجي خواب ۾ به ان کي ڏسي نه ٿا سگهو.

توهان انهن جو مثال ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿا سگهو. پر انهن کي پنهنجو مثال بڻائي جي ڪوشش نه ڪجو. انڪري جو زندگي پوئين پير هلي نه سگهندي. نه ئي بتن سان گڏ رهي سگهندي آهي.

توهان سپ ڪمانون آهيو، جن مان توهان جا ٻار زنده تيرن جيان نڪرندا آهن. ۽ اللهؑ ان نشانيءَ کي ڏسندو آهي جيڪو ابديت جي رستي تي هليو آهي. اللهؑ پنهنجي طاقت سان انهن ڪمانن کي ڇڪيندو آهي. جيئن ان جا تير تيز ۽ تمام پري وڃن.

بس توهان ڪل خوشيءَ سان ان آڏو جهڪي وڃو. انڪري ته جهڙي طرح هو اڏامندڙ تير سان محبت ڪندو آهي، اهڙي طرح هو مظبوط ڪمان سان به چاهه رکندو آهي.

*******************

# عطا ۽ بخشش

وري هڪ دولتمند چيس : “ اسان کي عطا ۽ بخشش جي باري ۾ ڪجهه سمجهاءِ!“
مصطفيٰ وراڻيو : ”جڏهن توهان پنهنجي ثي ملڪيت ورهائيندا آهيو، ته اهڙو ڪوبه غلط ڪم نه ڪندا آهيو.
ها، جڏهن اوهان پنهنجي ذات مان ڪجهه ڏيندا آهيو تڏهن صحيح معنيٰ ۾ عطا ۽ بخشش ڪندا آهيو.
توهان جون ملڪيتون آهن ڇا؟ سواءِ انهن شين جي جيڪي توهان پاڻ وٽ رکندا آهيو ۽ انهن جي حفاظت ڪندا آهيو، انهيءَ خوف کان ته توهان کي سڀاڻي انهيءَ جي ضرورت نه پئجي وڃي.
”۽ سڀاڻي؟“ سڀاڻي ان حرص جي ماريل ڪتي جي لاءِ ڪهڙو تحفو آڻيندو، جيڪو هڏن کي توريت ۾ لڪائي ڇڏيندو آهي. ۽ پاڻ مقدس شهرن جي زيارتن جي پويان پويان هليو ويندو آهي.“
”وري.... ڇا تنگيءَ جو خوف ئي پاڻ تنگي ناهي؟“
”اڄ جو خطرو... جڏهن کوهه پاڻيءَ سان ڀريل هجي، بجاءِ خود هڪ نه لهڻ واري اڃ آهي.“
ڪجهه اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي گهٽ ڏيندا آهن.... جيتوڻيڪ انهيءَ وَٽ ڪافي هوندو آهي. اهڙا ماڻهو پنهنجي بخشش جو ڍنڍورو ڪرڻ لاءِ ڏيندا آهن ۽ سندن نفس جولڪل خواهشون، سندن عطين جي پاڪائيءَ کي داغدار ڪري ڇڏيندڀون آهن.
ٻيا وري اهڙا اهن جن وٽ ٿورو هوندو آهي ۽ اهي سڀ جو سڀ بخشش ۾ ڏئي ڇڏيندا آهن. هي اهي ماڻهو آهن جيڪي زندگي ۽ ان جي نيڪيءَ ۾ ايمان رکندا آهن ۽ انهن جا خزانا ڪڏهن خالي نه ٿيندا آهن.
ڪجهه اهڙا آهن جيڪي ڪل خوشيءَ سان ڏيندا آهن ۽ اها خوشي ئي سندن انعام آهي، ڪجهه اهڙا آهن جيڪي ڪجهه ڏيندا آهن ۽ ڏئي رنج ٿيندا آهن ۽ رنج سان سندن نفس جي تطهير ٿيندي آهي.
وري ڪي اهڙا آهن جيڪي ڏيندا آهن ۽ ڏيڻ ۾ نه ڏک محسوس ڪندا آهن نه ڪنهن خوشيءَ جو اظهارڪندا آهن ۽ نه ڪڏهن هي خيال سندن ذهن ۾ ايندو آهي ته سندن بخشش ڪو نيڪيءَ جو ڪم آهي.
اهي ماڻهو ڏيندا آهن ۽ سندن بخشش ايمان جي ان گل مثل هوندي آهي جنهن جي خوشبوءِ سان فضا مهڪي پوندي آهي.
اهڙن جي هٿ جي سخاوت مان اللهؓ جو ڪلمو جهلڪندو آهي ۽ انهن جي اکين جي پردن مان سندن مرڪون زمين تي ليٽا پائيندڀون آهن.

گهرڻ وارن کي ڏيڻ بهتر آهي. پر ان کان بهتر اهو آهي ته ضرورتمندن کي سجاڳي بنا گهر ئي سندن ضرورت پوري ڪري ڇڏجي.
سخاوت ڪرڻ واري کي سخاوت کان وڌيڪ لطف ضرورتمند کي ڳولڻ ۾ ملندو آهي.
ڇا اوهين سچ پچ ڪجهه بچائي رکي سگهو ٿا ؟
ضرور هڪ ڏينهن ايندو ته جيڪو ڪجهه توهان وٽ آهي اهو سڀ خرچ ٿي ويندو. ته پوءِ اڄ ئي چونه ڏئي ڇڏيو! بخشش ۽ عطا جي فرصت کي غنيمت ڄاڻو. ۽ ان کي پاڻ کانسواءِ ڪنهن جي ميراث نه بڻايو.
توهان اڪثر چوندا آهيو مان ضرور ڏيندس، پر صرف ان کي، جيڪو مستحق هوندو. پر اهاڳالهه نه تنهنجي باغ جا وڻ چوندا آهن ۽ نه ئي تنهنجي چراگاهه جا جانور . هو ڏيندا آهن ته زنده رهي سگهن. اهي جيڪڏهن نه ڏين ته فنا ٿي وڃن.
پڪ ئي پڪ جيڪو به رات ڏينهن کان پنهنجو حصو حاصل ٿو ڪري، اهو توهان کان به هر شيءِ حاصل ڪرڻ جو مستحق آهي.
وري جيڪو سمنڊ مان اڄ پڇهائڻ جو حق ٿو رکي اهو توهان جي آبياريءَ مان به پنهنجو پيالو ڀرڻ جو حقدار آهي.
انهيءَ بدلي کان ڪهڙو وڌو بدلو ٿي ٿو سگهي، جنهن جو بنياد همت، يقين اڃان به احسان تي هجي؟
توهان ٿين اڪير آهيو جو ماٿهو توهان جي آڏو پنهنجو سينو کولي ڇڏين ۽ پنهنجي نفس جي عزت جي چهري تان پردو کڻن ته توهان سندن اقرار کي اگهاڙو ۽ هنن جي خودداريءَ کي بي نقاب ڏسو.
پهرين هي ڏسو، توهان ان جي لائق به آهيو ته توهان کي ڪنهن جو حاجت روا بڻايو وڃي. توهان ۾ اها صلاحيت به آهي ته توهان عطا ۽ بخشش جو وسيلو ٿي سگهو؟
واقعو آهي ته زندگي پاڻ ئي زندگي عطا ڪندي آهي،۽ توهان جو پاڻ کي سخي ۽ داتا چوائيندو آهيو، توهان جي حيثيت هڪ شاهد کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي.
۽ توهان، اي پائڻ وارؤ ! ۽ توهان سڀ پائڻ وارؤ _ شڪر ۽ احسان ڪرڻ ۾ حد کان وڌيڪ ڪم نه وٺو، ورنه توهان پنهنجي ۽ پنهنجي ڏيڻ وارن جي ڳچيءَ ۾ هڪ ڦندو وجهي ڇڏيندؤ .
ڏيڻ واري جي بخشش کي ته اها پانهن ٺيڻ گهرجي جيڪا کيس به اونچو ڪري ۽ توهان کي به.
جيڪڏهن توهان پاڻ کي قرض جي احسان جي هيٺان پوري ڇڏيو ته اها ان سخاوت پيشه جي فياضيءَ ۾ شڪ ٿيندو جنهن کي وڏي دل واري زمين پيدا ڪيو هجي ۽ جنهن جي پالنا ۽ رکوالي الله ڪئي آهي.

*****************

# کاڻ پيئڻ

وري سراءِ جي هڪ پوڙهي مالڪ چيو : ”اسان کي کاڌي پيتي جي باري ۾ ٻڌايو.“
مصطفيٰ وراڻيو: ” توهان زمين جي خوشبوءِ تي زنده رهي سگهو. جيئن وڻ فقط سج جي روشنيءَ مان زندگي حاصل ڪندو آهي.
پر جيڪڏهن توهان مجبور آهيو ته پنهنجي کائڻ لاءِ ٻين کي ذبح ڪريو ۽ پنهنجي اڃ اجهائڻ لاءِ ماءُ کان هن جي ٻار جي ٿڄ کسيو ! ته پوءِ ان عمل کي پنهنجي هڪ عبادت ٺاهيو.
توهان جي دسترخوان کي هڪ قربان گاهه هئڻ گهرجي، جنهن تي ميدانن ۽ جهنگلن جا پاڪ ۽ معصوم جانور، ان پاڪ ترين ۽ معصوم ترين شين جي ڀيٽ نه ٿي وڃن جيڪي انسانن ۾ آهن.
جڏهن توهان ڪنهن جانور جي ڳچيءَ تي ڇري ڦيرايو، ته دل ئي دل ۾ ان بي زبان کي چئو : اها ئي طاقت جيڪا توکي ذبح ٿي ڪري، مون کي به ذبح ڪندي آهي ۽ تو جيان مان به فنا جي راهه هلڻ وارو آهيان. ڇاڪاڻ ته جنهن قانون توکي منهنجي قبضي ۾ پهچايو آهي، اهو ئي مون کي مون کان وڌيڪ طاقتور جي حوالي ڪندو. تنهنجو ۽ منهنجو رت پاٽياٽ کان سواءِ ڪجهه به ناهي، جيڪو وجود جي وڻ کي سائو رکندو آهي.
جڏهن توهان صرف پنهنجن ڏندن سان چباڙيو، ته پنهنجي دل ۾ ان کي چئو : ”تنهنجو ٻج منهنجي جسم ۾ رهندو، تنهنجا سياٽي ڦٽڻ وارا ڱونچ منهنجي دل ۾ ڦٽندا، تنهنجي خوشبوءِ منهنجو ساهه ٻڻبي ۽ اسان هر موسم ۽ هر رات ۾ گڏجي خوشيون ملهائينداسون.“
۽ خزان جي موسم ۾ جڏهن توهان ڪلال خانن ۾ انهن جي نپوڙڻ جي لاءِ، پنهنجن باغن جا انگور گڏ ڪريو ته پنهنجي دل ۾ ڪين چئو : ”ته مان به انگورن جو باغيچو آهيان، جنهن جو ميوو به ڪلال خاني جي لاءِ گڏ ڪيو ويندو. ۽ تازي شراب جيان مون کي هڪ صراحيءَ ۾ رکيو ويندو.“
۽ سردين ۾، جڏهن توهان گڏ ڪيل شراب ڪيو ته هر پيالي جي لاءِ توهان جي دل ۾ هڪ گيت هئڻ گهرجي، ۽ هر گيت ۾، خزان جي ڏينهن جي ياد هجي، انگورن جي باغ جي ياد هجي، ڪلال خاني جي ياد هئڻ گهرجي.“

******************

# محنت

وري هڪ هاريءَ پڇيس : ”اسان سان محنت جي باري ۾ ڪجهه ڳالهاءِ !“
مصطفيٰ چيو : ”توهان انڪري محنت ڪندا آهيو ته زمين سان، وڪ سان وڪ ڪٽي هلي سگهو ۽ ان جا راز پروڙي سگهو. چو ته جڏهن توهان سستيءَ ۽ ڪاهليءَ ڪان ڪم وٺندا آهيو ته مندن کان ارڻ واقف ٿي ويندا آهيو.
زندگيءَ جي ان جلوس کان پوئتي رهجي ويندا آهيو جيڪو شڪايت ۽ جلال ۽ وڏي نيازمنديءَ سان، ابديت ڏانهن روان دوان آهي.
جڏهن توهان ڪم ڪندا آهيو ته هڪ بانسري هوندا آهيو، جنهن جي چيريل سيني مان لنگهي زماني جون سرگوشيون گيتن ۾ بدلجي وينديون آهن. توهان مان ڪير آهي جيڪو گونگو پوڙو ٿيڻ ٿو گهري. جڏهن ته سندس چوڌاري سرڪند هڪ ئي ڌن ۽ هڪ آواز ۾ گڏ گيت ڳائي رهيا هجن؟
توهان گهڻو ڪري پڌندا آهيو ته محنت هڪ لعنت آهي ۽ مزدوري هڪ بدبختي. پر منهنجي خيال ۾ ته توهان جڏهن محنت ڪندا آهيو ته ڌرتيءَ جي پراڻي خواب کي شرمندهٔ تعبير بڻائڻ ۾ حصو وٺندا آهيو. جنهن جي لاءِ توهان ان ڏينهن چونڊيا ويا هئا، جنهن ڏينهن ان خواب جنم ورتو هو ۽ جڏهن توهان مزدوري ڪندا آهيو، ته در حقيقت زندگيءَ جي محبت ۾ وڪ وڌائيندا آهيو.
محنت جي وسيلي زندگيءَ سان محبت ڪرڻ، ٻين لفظن ۾ زندگيءَ جي سڀ ڪان اونهن رازن تائين پهچڻ آهي. پر جڏهن توهان پنهنجي ڏکن ڏوجهرن جي ميڙ ۾ اهو چوندا آهيو ته توهان جو جمڻ هڪ ڏک آهي.
وري جسم جي تقاضئن جي پيروي هڪ لعنت آهي جيڪا چهري تي لکي وئي آهي. ان ڪري مان توهان کي چوان ٿو ته چهري تي لکيل ان لعنت کي پگهر جا ڦڙا ئي ڌوئي سگهندا آهن.
توهان کي هي به ٻڌايو ويو آهي ته زندگي هڪ ظلمت آهي. ۽ توهان پنهنجي ٿڪاوٽ جي شدت ۾ ٿڪل ماڻهن جي ڳالهه ورجائي ڇڏيندا آهيو.
مان چوان ٿو: زندگي واقعتاً هڪ ظلمت آهي. جيڪڏهن ان ۾ طلب نه هجي. وري طلب انڌي هوندي آهي. جيڪڏهن ان سان گڏ علم نه هجي.
۽ علم بي معنيٰ آهي _جيڪڏهن عمل سان گڏ نه هجي. ۽ عمل کوکلو آهي_ جيڪڏهن ان ۾ محبت شامل نه هجي. ۽جڏهن توهانجي عمل ۾ محبت شامل هوندي آهي ته توهان پنهنجي ذات سان، ۽ اللهﷻ سان ڳنڍجي ويندا آهيو.
وري محبت سان ڪم ڪرڻ ڇا آهي؟

اهو ائين آهي، جيئن توهان پنهنجي دل جي تار ڪيدي ان مان ڪوئي ڪپڙو ٺاهيو ته ان ڪي توهان جو محبوب پائي.
جيئن توهان پنهنجي جذبات مان هڪ گهر جوڙيو ته توهان جو محبوب ان ۾ رهي.
جيئن توهان نازڪ هٿن سان ٻج ڇٽيو ۽ خوش ٿي فصل لڻو ته توهان جو محبوب ان جو ميوو کائي.
جيئن توهان پنهنجي هر عمل ۾ پنهنجي روح جي هر هڪ توانائي ڦوڪي ڇڏيو ۽ پوءِ ڏسو ته توهان جا هڙئي مري ويل قريب توهان جي ويجهو بيهي نظارو ڪري رهيا هجن.
مون توهان کي اڪثر چوندي ٻڌو آهي_ جڻ توهان ننڊ ۾ وڦلي رهيا آهيو ته “هو شخص جيڪو سنگ مرمر جون دل فريب مورتيون ٺاهيندو آهي ۽ پٿر ۾ پاڻ پنهنجي تصوير جهلڪندي ڏسندو آهي، ان شخص کان مٿاهون مان رکندو آهي جيڪو محض زمين ۾ ملي ويندو آهي.
۽ اهو مصور جيڪو اندلٺ کان رنگ وٺي انهن کي ڪپڙي جي هڪ ٽڪڙي کي انساني شڪل ۾ تبديل ڪندو آهي ان شخص کان اونچو آهي، جيڪو صرف ان جي لاءِ بوٽ جوڙيندو آهي.
پر مان ٿو چوان: ننڊ ۾ نه، منجهند جو ٻنهه سجاڳيءَ ۾ ته: ”هواءِ ديو قامت شاهه بلوط سان ٻه ايترين ئي مٺڙيون سرگوشيون ڪندي آهي جيترين گاهه جي هڪ ٻي حقيقت سلي سان. وڏو اهوآهي جيڪو هوا جي سر سراهٽن مان گيت پيدا ڪندو آهي ۽ پنهنجي محبت سان انهن گيتن ۾ ميٺاج وڌائيندو آهي عمل اها محبت آهي جنهن جي چهري تان پردو کنيو ويو آهي. انڪري جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪم سان محبت نه ٿا ڪريو ۽ ان کي ٻي دلي ۽ ناگواريءَ سان ڪندؤ ته بهتر آهي ته توهان ڪم ڇڏي ڏيو.
۽ ڪليسيا جي دروازي تي ويهي انهن ماڻهن کان خيرات گهرو ۽ جيڪي ڪل خوشيءَ سان ڪم ڪندا آهن. انڪري جيڪڏهن توهان ٻي دليءَ سان ماني ٿا پچايو ته ڪوڙي ماني پچائيندا آهيو، جيڪا صرف انهن ماڻهن جو پيٽ پري سگهندي آهي. جن جي انسانيت اڌوري آهي جيڪي اڌ انسان آهن.
۽ وري جڏهن توهين انگورن جي رس، ناگواريءَ سان ڪيڊندا آهيو، ته جڻ پنهنجي شراب ۾ زهر ٿا ملايو.
توهان جي ناگواري شراب ۾ زهر بڻجي ملي ويندي آهي. وري جڏهن توهان ڳائيندا آهيو، اهو فرشتن جي ئي ڏن ۾ سهي، جيڪڏهن پنهنجي گيت سان محبت نه ٿا ڪريو ته جڻ ٻڌڻ وارن جي ڪنن ۾، ڪيهه پري ٿا ڇڏيو. اهي نه ڏينهن جو آواز ٻڌي سگهندا آهن نه رات جو.

**********************

# ڏک ۽ خوشي

هڪ عورت چيس : ”اسان کي ڏک ۽ خوشيءَ جي باري ۾ ٻڌاءِ !“
مصطفيٰ وراڻيس: توهان جي خوشي ئي توهان جو ڏک آهي.جنهن جي چهري تان پردو کنيو ويو آهي.
اهوئي کوهه، جنهن مان توهان جا ٽهڪ اڀرندا آهن، ڪنهن وقت توهان جي ڳوڙهن سان ڀريو آهي. ۽ ان کان سواءِ ٻي به ڇا ٿو سگهي!
ڏک جا نشان توهان جي اندر جيترا ڇٽا ڏيندا آهن، اوترو ئي خوشيءَ جي جاءِ توهان ۾ پيدا ڏيندي آهي. ڇا جنهن پيالي ۾ توهان جو شراب ڀريل آهي، اهو پيالو ناهي جيڪو ڪنڀر جي آويءَ ۾ پچايو ويو آهي؟ ۽ ڇا اها بانسري، جيڪا توهان جي روح کي تسڪين ڏيندي آهي. اهو بانس جو ٽڪرو ناهي، جنهن جو سينو چاقوءَ سان وڍيو ويو هو!
خوشي جي گهڙين ۾ پنهنجي دل جي گهراين ۾ لهي ڏسو. توهان ڏسندؤ ته جنهن شيءِ اوهان کي ڏکويو هو. اهائي شيءِ اوهان کي خوشي بخشي رهي آهي. ۽ ڏکن گهڙين ۾ ، وري پنهنجي دل جو جائزو وٺو! توهان ڏسندؤ ته درحقيقت توهان، ان شيءِ جي لاءِ روئي رهيا آهيو، جنهن توهان کي خوشي بخشي آهي.”توهان مان ڪجهه چوندا آهن.
”خوشي ڏک کان بهتر آهي !“
۽ ڪجهه چوندا آهن : ”نه! ڏک بهتر آهي“
پر مان توهان کي چوان ٿو : ”اهي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نه ٿا سگهجن، اهي گڏجي ايندا آهن.انهن مان هڪ توهان جي دسترخوان تي آيو ته ياد رکو! ٻيو توهان جي بستري ۾ هوندو.“
پڪ ڄاڻو! تارازيءَ جي پڙن جيان توهان پنهنجي خوشيءَ ۽ پنهنجي ڏک جي وچ ۾ ڳنڍيل آهيو. توهان ۾ جمود ۽ توازن صرف ان مهل نظر ايندو آهي جڏهن توهان خالي هجو ۽ زندگيءَ جي خزاني وارو _ خدا _ پنهنجو سون ۽ چاندي تورڻ جي لاءِ توهان کي اتاريندو آهي، ته لازمي طور تي توهان جي خوشي يا توهان جي غم جا پڙ جهڪي ويندا آهن يا اٿي ويندا آهن.

******************

# گهر

هاڻ هڪ عمارتساز اُٿيو ۽ چيو: ”اسان کي گهرن جي باري ۾ ٻڌاءِ !“
مصطفيٰ چيو: شهر جي چوديواريءَ ۾ گهر ٺاهڻ کان پهرين توهان کي پنهنجي خيال جي ويڪر ۾ هڪ گلستان جوڙڻ گهرجي. چو ته جيئن توهان روزانو شام جو گهر واپس ايندا آهيو، تيئن توهان جو مصبت ماريل روح پنهنجي اڪيلي ۽ پري پري افق ۾ پنهنجو ٺڪاڻو ڳوليندو آهي. توهان جو گهر توهان جو وڏو جسم آهي. جيڪو اس ۾ وڌندو آهي ۽ رات جي خاموشيءَ ۾ آرام جي خواهش ڪندو آهي. هن جي ننڊ خوابن جي هنج ۾ نه ويندي آهي.
ڇا توهان جو گهر خواب نه ڏسندو آهي؟ ۽ جڏهن هو خواب ڏسندو آهي ته شهر ڇڏي ساوڪ ۾ نه ويندو آهي يا پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهندو ناهي؟
ڪاش مان توهان جي گهرن کي مٺ ۾ ڪٺي انهن کي ائين وکيري سگهان ها جيئن هاري پنهنجن ٻجن کي جهنگلن ۽ پوکن ۾ ڇٽيندو آهي. ڪاش! واديون توهان جون سڙڪون هجن ها ۽ سلوڪ توهان جا پيچرا. جيئن توهان ٻلواڙيءَ ۾ هڪ ٻئي کي ڳوليو ها ۽ جڏهن پنهنجي گهرن ڏانهن موٽو ها ته توهان جي ڪپڙن ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ هجي ها، پر هاڻ انهن شين جو وقت ناهي آيو
توهان جي پيءُ ڏاڏن جي دلين تي خوفَ اهڙي طرح گهيرو ڪيو هو جو انهن توهان کي هڪٻئي جي ويجهو ويجهو ڪٺي ڪري ڇڏيو. اهو خوف اڃان ڪجھ ڏينهن رهندو ۽ توهان جي شهر جون ديوارون اڃان ڪجھ ڏينهن توهان جي گهرن ۽ پوکن جي وچ ۾ ڪچيل رهنديون.
اي فاليس جا رهاڪو ! مون کي ٻڌايو: توهان جي انهن گهرن ۾ ڇاهي؟ ۽ ڪهڙي شيءِ آهي جنهن کي توهان پنهنجي دروازن ۾ مقفل ڪري حفاظت ڪندا آهيو.
ڇا اهو امن ۽ سڪون آهي؟ اها خاموش تحريڪ جيڪا توهان جي طاقت کي بي پرده ڪندي آهي؟ يا اهي يادون آهن، جيڪي چمڪندڙ محرابن، جيڪي توهان جي ذهن جي اونچاين تي ڇانءَ ڪندا آهن؟ يا اهڙو حسن آهي. جيڪو توهان جي دلين کي سرن ۽ ڪاٺين جي شين کان مٿاهون ڪري مقدس جبل ڏانهن وٺي ويندو آهي؟
مون کي ٻڌايو ڪهڙيون شيون آهن توهانجي گهرن ۾؟
يا اوهان وٽ ڪجھ به ناهي، سواءِ آسائش ۽آسائش جي هوس جي! آسائش جي اها هوس، جيڪا چور ٻڻجي توهان جي گهرن ۾ داخل ٿيندي آهي. اها مهمان ٻڻجي ايندي آهي، وري ميزبان ٻڻجي ويندي آهي پوءِ مالڪ ٻڻجي ويهي رهندي آهي.
وري هوءَ هڪ سڌارڪ جو جو روپ ڌاري ويهي رهندي آهي، جيڪو پنهنجو هنٽر گهمائيندو آهي ۽ توهان جي وڏين خواهشن کي پنهنجا رانديڪا ٻڻائي ويهي رهندو آهي.

ان جا هٿ جيتوڻيڪ ريشم جيان نرم ۽ نازڪ هوندا آهن. پر ان جي دل فولاد جيان سخت هوندي آهي.
هو توهان کي لوليون ڏئي سمهاري ڇڏيندو آهي ۽ ان مان هن جو مقصد ان کان سواءِ ڪجهه به نه هوندو آهي ته توهان جي بستري جي ويجهو بيهي توهان جي جسمن جي عظمت تي ٺٺوليون ڪري.
وري هو توهان جي صحيح ۽ سالم حواسن تي ٺٺوليون ڪندو آهي ۽ ان کي شيشي جي ٿانئن جيان ڳاهه ۾ ويڙهيندو آهي.
منهنجي جان جو قسم! آسائش جي هوس روح کي اجهائي ڇڏيندي آهي ۽ کلندي ان جي جنازي سان هلندي آهي.
پر اي فضا جي دل جا ٽڪرؤ! توهان نه راحت ۾ نه بي چين ٿيندا آهيو.
توهان نه ڦاهيءَ ۾ ڦاسندؤ نه توهان جا قدم ٻهڪندا. توهان جو گهر ڪڏهن به لنگر نه ٿيندو پر سڙهه هوندو.
اها چمڪندڙ ڪڙي نه هوندو، جيڪا زخم تي هوندي آهي. پر پلڪ هوندو، جيڪا اکين جي حفاظت ڪندي آهي. توهان لاءِ ضروري نه هوندو ته ان جي دروازن مان لنگهڻ جي لاءِ پنهجون پانهون بند ڪريو يا پنهنجو ڪنڌ جهڪايو جيئن ان جي ڇت سان نه ڳسي. يا پنهنجو ساهه بند ڪريو، ان خوف کان ته ان جون پٽيون ڏري زمين تي نه ڪري پون.
نه! توهان انهن قبرن ۾ نه رهندؤ، جيڪي مُردن جيئرن لاءِ ٺاهيون آهن. ۽ توهان جا گهر، پل اهي ڪيترائي عاليشان ڇو نه هجن، توهان جي راز جي حفاظت ۽ توهان جي شوقَ جو تحمل ڪري نه سگهندا.
انڪري جو اها لامحدود ذات، جيڪا توهان جي اندر آهي ان جي جاءِ آسماني ملڪيت آهي. ان جو دروازو صبح جي روشني آهي ۽ ان جون دريون رات جا گيت ۽ ان جون خاموشيون آهن."

****************

# لِباس

وري هڪ غريب چيو: ”اسان کي لباس جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟“
مصطفيٰ جواب ڏنو: توهان جو لباس توهان جون ڪافي خوبيون لڪائي ٿو ڇڏي، پر توهان جي عيبن جي پردہ پوشي نہ ٿو ڪري. جيتوڻيڪ توهان پنهنجي لباس ۾ اڪيلائيءَ جي آزادي ڳوليندا آهيو. پر اهو الٽو توهان جي لاءِ هڪ ٻيڙي ۽ هڪ زنجير بڻجي ويندو آهي.
ڪاش! توهان سج جي ڪرڻن ۽ هوائن جو استقبال پنهنجي ڪپڙن جي وسيلي گهٽ ۽ پنهنجي کَل جي وسيلي وڌيڪ ڪريو ها. انڪري جو زندگيءَ جا پساهہ سج جي ڪرڻن ۾ هوندا آهن ۽ زندگيءَ جا هٿ هوائن سان گڏ چر پر ڪندا آهن.
توهان مان ڪجهه چوندا آهن: جيڪي ڪپڙا اسين پهريندا آهيون، اهي اتر جي هير مان اڻيل آهن.
مان چوان ٿو: ها، اهي اتر جي هير مان ئي اڻيل آهن پر شرم ان جو ڪرنگهو هو ۽ نرم ۽ ويڪرا عضوا ان جو تاڃي پيٽو. ۽ جڏهن هوءَ ڪپڙا اڻي چڪي تہ جهنگل ۾ وڃي هن خوب ٽهڪ ڏنا.
اهو نہ وسارَ تہ اها هڪ ڍال آهي، جيڪا توهان کي بدڪارن جي نظرن کان بچائيندي آهي ۽ جڏهن بدڪاري ئي نہ رهي تہ شرم کهڙو رهندو، سواءِ هڪ زنجير جي جيڪو عقل کي ٻڌي بيڪار بڻائي ڇڏيندو آهي؟
وري اهو بہ نہ وساريو جڏهن توهان جا اگهاڙا پير زمين کي ڇهندا آهن تہ اها خوش ٿيندي آهي.
هوا جڏهن توهان جي کليل وارن سان کيڏندي آهي، تہ شوق ۽ شغل جا پساهہ هن جي وات مان گيت وڪيريندا نڪرڻ لڳندا آهن.

****************

# خريد ۽ وڪرو

هڪ سوداگر چيو: "اسان کي وڪري ۽ خريداريءَ جي باري ۾ ڪو مشورو ڏيو."
مصطفيٰ جواب ۾ چيو: زمين پنهنجا سمورا ميوا توهان کي بخشيندي آهي. ۽ جيڪڏهن توهان اهوچاڻي وٺو ته ان جي بخشش سان پنهنجيون جهوليون ڪيئن ڀرڻ ته پوءِ توهان ڪڏهن محتاج ٿي نه سگهندؤ.
جيڪڏهن توهان زمين جي نعمتن جي پاڻ ۾ مٽا سٽا ڪري سگهو ته خير ۽ برڪت جي گهٽائي توهان جو نصيب هوندي. ۽ ان سان توهان جي دل آسودگي حاصل ڪندي.
پر جيسين اها مٽا سٽا محبت ۽ شفقت گاڏر انصاف جي تحت آهي، ڪجھ ماڻهن ۾ حرص وطمع جا ٻج ڇٽيا ۽ باقي سڀ سڪندا رهندا.
۽ توهان، اي سمندن، کيتن ۽ قلواڙين جي پگهر وهائڻ وارؤ ! جڏهن بازار ۾ ڪپڙن اٽڻ، ٿانارن ۽ پسارين سان ملو ته ان روح زمين سارڻ، جيڪو عطا ۽ بخشش جو سرچشمو آهي . درخواست ڪريو ته اهو توهان جي وچ ۾ اچي ۽ انهن تارازين کي برڪت ڏئي جيڪي قيمت کي سان توريندڀون آهن .
انهن خالي هٿن کي منهنجن معاملن ۾ شريڪ ٿيڻ نه ڏيو. جيڪي توهان جي محنت کي خالي لفظن سان خريد ڪرڻ گهرن ٿا.
اهڙن ماڻهن کي صاف صاف چئو: " ان جي بجاءِ اسان جي فصلن ۾ هلوء يا اسان جي پاڻن سان سمنڊ تي وجو اتي جار پکيڙيو، انڪري ته زمين ۽ سمنڊ توهان تي به پنهنجي فيض جا دروازا به ائين کوليندا جيئن اهي اسان تي کوليندا آهن . وري اتي جيڪڏهن توهان جي ملاقات موسيقارن، رقاصائن ۽ بين وڃائيندڙن سان ٿئي ته انهن جو مال به خريد ڪريو. انڪري جوتوهان جيان اهي به ميوا ۽ خوشبوءِ گڏ ڪندا آهن ۽ اهي شيون جيڪي توهان جي لاءِ آڻيندا آهن. اهي جيڪڏهن خيال ۽ تصور جي دنيا ۾ تيار ٿينديون آهن. پر توهان جي روحن لاءِ لباس ۽ کاڌي جو ڪم ڏينديون آهن. ان کان اڳ جو توهان بازار مان واپس ورو، چڱي طرح ڏسي وٺو ته اتان ڪوئي هٿين خالي ته گهر واپس نه وريو. انڪري جو اهو عطا جو سرچشمو، اهو زمين جو روح، ان مهل تائين هوا جي جهوٽن ۾ سمهي نه سگهندو، جيسين توهان مان حقير ترين فرد جي ضرورت پوري نه ٿئي .

********************

# ڏوهه ۽ سزا

وري شهر جو هڪ قاضي اڳتي وڌيو ۽ چيائين: ”اسان کي ڏوهه ۽ سزا جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو !“
مصطفيٰ جواب ۾ وراڻيو : جڏهن توهان جا روح هوا جي چڪر ۾ ڦرندا آهن، ان وقت توهان پاڻ کي اڪيلا ۽ پاڻ کي غيرمحفوظ پانئي ٻين جي حق ۾ زيادتي ڪندا آهيو. پاڻ ئي پنهنجي ذات کي نقصان پهچائيندا آهيو. توهان پنهنجي ان زيادتيءَ جو ڪنارو ادا ڪري نه سگهندؤ.
جيستائين اهل نعمت جو دروازو نه ڪڙڪايو ۽ بي پرواهيءَ جي عالم ۾ ٿوري دير انتظار ڪريو.
توهان جو نوراني وجود سمنڊ جي مثال آهي. جيڪو هميشه پاڪ ۽ صاف رهندو آهي.
ايٿر جيان ان کي پنهنجي سطح تي تارڻو آهي، جنهن جون پانهون هجن .
اجان به توهان جو نوراني وجود سج جي مثال آهي.
جيڪو انڌي ڪُئي جي رستن کي چاڻي ٿو، نه نانگن جي ٻر ڳوليندو آهي .
پر اهو نوراني وجود توهان جي هستيءَ ۾ اڪيلو رهيل ناهي، توهان ۾ گهڻو ڪجهه آهي، جيڪو ئي انسان آهي.
گهڻو ڪجهه توهان ۾ آهي. جيڪو انسان جي درجي تي نه پهتو آهي .
اهو هڪ بگڙيل وجود آهي جنهن جي ڪابه صورت ناهي، اهو ڪڪرن ۾ جهوٽا کائيندو هلندو آهي، پاڻ پنهنجي سجاڳيءَ کي ڳوليندو .
توهان ۾ جيڪو انسان آهي، ان جو مان هاڻ توهان سان ذڪر ڪريان ٿو.
اهو ۽ صرف اهو آهي، جيڪو ڏوهه ۽ سزا کي ڄاڻندو آهي. توهان جي نوراني ذات ۽ توهان جو ڪڪرن ۾ پريشان گهمڻ وارو وجود، ٻئي ان کان بي تعلق آهن .
مون اڪثر اوهان کي خطادارن جو ذڪر ڪندي ٻڌو آهي. ڄڻ هو توهان مان ناهي، پر اجنبي آهن، جيڪي توهان جي دنيا ۾ زوريءَ اچي سهڙيا آهن.
پر مان توهان کي چوان ٿو ته وڏي ۾ وڏو نيڪ ۽ پرهيزگار به ان کان مٿاهون نه ناهي، جيڪو توهان مان هرهڪ جي اندرآهي . ۽ اهڙيءَ طرح گنهگار ۽ ڪمزورڪان ڪمزور به ان کان هيٺاهون ناهي. جيڪو توهان مان هرهڪ جي اندر موجود آهي. ۽ جيئن وڻ جو هڪ پن، سڄي وڻ جي خاموش علم کان سواءِ پنهنجو رنگ بدلائي نه سگهندو آهي .
اهڙي طرح ڪوئي خطادار توهان سڀني جي لڪل ارادي کانسواءِ، خطا جو مرتڪب ٿي نه سگهندو.
بس ان جي حالت ان جلوس جهڙي آهي، جنهن ۾ توهان سڀ جا سڀ پنهنجي نوراني وجود ڏانهن وڌندا ويندا آهيو . توهان راهه به آهيو ۽ راهيگر به ، جيڪڏهن توهان

مان ڪوئي ڪرندو آهي ته انهن ماڻهن مان ڪرندو آهي . جيڪي هن جي پويان پويان ايندا آهن ، هو انهن کي خبردار ڪري ڇڏيندو آهي ته رستي ۾ پٿر آهي، ٿيڙ کائڻ کان بچو.
ها، اهڙيءَ طرح اهو ڏينهن ماڻهن لاءِ به گذرندو آهي ، جيڪي سندن اڳيان اڳيان هلي رهيا اهن. اهي ماڻهو جيتوڻيڪ هن جي مقابلي ۾ تيز رفتار به آهن ۽ ثابت قدم به پر ان پٿرکي رستي تان پري ڪري نه سگهيا .
اهڙيءَ طرح مان توهان کي چوان ٿو، پل ته منهنجي ڳالهه توهان جي دلين تي ڳوري چوڻ لڳي ته مقتول پنهنجي قتل جي ڏوهه ۾ پاڻ به شريڪ هوندو آهي.
۽ ڦرجندڙ پنهنجي ڦرجڻ تي ملامت کان آزاد قرار نه ڏنو ويندو. نيڪوڪار، بدڪار جي افعال جي ذميداريءَ کان بچي نه ٿو سگهي. ۽ ڪوئي بيگناهه ناهي جنهن جا هٿ ڏوهيءَ جي ڏوهه کان وانجهيل هجن.
ها، ڪڏهن ڪڏهن ڏوهي به پنهنجي نشانيءَ جو نشانو بڻجندو آهي. ۽ گهڻو تڻو سزا پائڻ وارو ڏوهي، بيگناهن ۽ بي خطائن جو بوجهه به کڻندوآهي. اهائي ڳالهه آهي جو توهان عادل ۽ ظالم، نيڪ ۽ بري ۾ ڪوبه تفاوت ڪري نه سگهندا آهيو. انڪري ته هو سج جي آڏو گڏ بيٺا آهن. جيئن ڪارا ۽ اڇا سڳا گڏ اُڻيا ويندا آهن .
جڏهن ڪارو ڌاڳو ڇڇي پوي ته اُڻندڙ پوري ٿان کي ڏسندو آهي ان سان گڏ چرخي جي چڪاس به ڪندو آهي. جيڪڏهن توهان مان ڪوئي خيانت دار عورت کي انصاف جي گهر ۾ آڻي ته ڪيس گهرجي ته ان جي مڙس جي دل کي به تارازيءَ ۾ رکي ۽ ان جي روح کي به پئماني سان ماپي ۽ جڏهن توهان مان ڪوئي ڏوهيءَ کي ڪوڙا هڻڻ جو ارادو ڪري ته ان شخص جي روح کي به جاچي، جنهن تي ظلم ڪيو ويو آهي .
۽ جڏهن توهان مان ڪوبه فضيلت جي نانءَ تي ڪنهن کي سزا ڏيڻ ۽ گناهه جي وڻ تي انصاف جي ڇري وهائڻ گهري، ته پهرين ڪيس ان وڻ جي پاڙن کي ڏسڻ گهرجي. هو نيڪي ۽ بدي، ثمر ۽ بي ثمر جي پاڙن کي زمين جي خاموش دل ۾ هڪٻئي سان ڇيپيل ڏسندو.
۽ توهين انصاف وارؤ ! اي عدالت جا گيت ڳائڻ وارؤ ! توهان ان شخص جي خلاف فيصلو ڪيئن بڌائيندؤ ، جنهن جو جسم بي خطا ۽ جنهن جو روح خطادار آهي؟ ۽ ان شخص تي ڪهڙي سزا جاري ڪندؤ جيڪو ٻئي جي جسم کي قتل ڪندو آهي پر سندس روح پاڻ مقتول آهي؟ ان شخص تي توهان ڪيئن ڪيس هلائيندؤ، جيڪو پنهنجي افعال ۾ فريب ۽ زيادتي ڪندڙ هوندو آهي، پر اهو پاڻ به ٻين جي فريب ۽ زيادتين جو شڪار اهي؟
توهان اهڙن ماڻهن کي ڪيئن سزا ڏيندؤ، جن جي پشيماني سندن گناهن ۽ خطائن کان به وڌيڪ آهي؟

ڇا پشيمانيءَ کي به اهو قانون انصاف قرار نه ڏيندو، جنهن تي عمل ڪري توهان خوش ٿيندا آهيو؟
پر پشيماني اها شيءِ آهي، جنهن کي توهان ڪنهن بيگناهه تي مڙهي نه سگهندؤ؟
نه ان کي ڪنهن گنهگار جي دل کان جدا ڪري سگهندؤ. پشيماني، بناڪوٽ جي، رات جو ايندي آهي ته ستل جاڳن ۽ پنهنجي نفس جو جائزو وٺن. ۽ توهان جيڪي انصاف کي سمجهڻ جا حامي آهيو اهي ڪيئن انصاف جي حقيقت کي سمجهي سگهندؤ، جيستائين ڏينهن جي پرپور روشنيءَ ۾ فعلن تي نظر نه وجهي سگهو.
ان وقت توهان کي خبر پوندي ته مٿاهين ۽ هيٺاهين دراصل هڪ ئي آهن، جڻ هڪ ئي شخص آهي جيڪو پنهنجي نيوڙيل ذات کي رات ۽ پنهنجي نوراني وجود جي، ڏينهن جي وچ ۾ انڌيري ۾ بيٺو آهي. ۽ اهو ته عبادتگاهه جي محراب جو سڀ کان اونچو پٿر ان جي بنياد جي هيٺاهين پٿرکان ٿورو به مٿاهون نه آهي ."

*******************

# قانون

وري هڪ وڪيل ڪانئس پڇيو: ”اسان جي قانون جي باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟“
مصطفيٰ جواب ڏنو : ”توهان کي قانون ٺاهڻ ۽ ان جي نافذ ڪرڻ ۾ ڪيترو مزو ايندو آهي؟ پر ان کان به وڌيڪ خوشي توهان کي ان مهل ٿيندي آهي جڏهن توهان ان جي ڀڃڪڙي ڪندا آهيو.“
سمنڊ جي ڪناري ڪيڏندڙ ٻارن جيان جيڪي وڏي شوق ۽ وڏيءَ محبت سان واريءَ جا مينار ٺاهيندا آهن ۽ وري کلندا کڏندا انهن کي ڊاهي ڇڏيندا آهن.
پر جڏهن توهان واريءَ جا منارا ٺاهيندا آهيو ته سمنڊ اچا به وڌيڪ واري ڪناري ڏانهن آڻيندو آهي ۽ جڏهن توهان ڊاهيندا آهيو ته سمنڊ ٽهڪن ۾ توهان جو ساٿ ڏيندو آهي ۽ قسم آهي پنهنجي جان جو! سمنڊ هميشه بيگناهه جي ٽهڪن ۾ ساٿ ڏيندو آهي .
پر انهن ماڻهن جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿوَ جن جي ويڄهو زندگي هڪ سمنڊ آهي، نه انسان جا ٺاهيل قانون، واريءَ جا گهرڙا! پر جيڪي زندگيءَ کي هڪ پهاڙ سمجهندا آهن ۽ قانون کي هڪ ڇيڻي، جنهن سان هو پهاڙ کي پنهنجي صورت جيان ٽڪيندا آهن.
ڇا چوڻ آهي ان اپاهج جي باري ۾ جيڪو رقص ڪرڻ وارن کي نفرت جي نگاهه سان ڏسندو آهي.
ان ڏاند جي باري ۾ جيڪو ڳاٽي سان محبت ڪندو آهي ۽ جهنگل جي هرڻ ۽ جانورن کي آواره گرد ۽ بيڪار سمجهندو آهي. ۽ ان پوڙهي نانگ جي باري ۾ جيڪو پنهنجي کل لاهي نه سگهندو آهي بين کل لاهڻ وارن کي اگهاڙو ۽ بي حيا هجڻ جا طعنه ڏيندو آهي .
ان شخص جي باري ۾ ڪهڙو خيال اٿو جيڪو دعوت ۾ سڀ کان پهرين پهچندو آهي ۽ ايترو کائي ويندو آهي جو ڪيس بد هاضمو ٿي پوندو آهي ۽ جڏهن هو ڪائيندي ڳائيندي ٿڪجي پوندو آهي ته ائين چوندو دعوت مان هليو ويندو آهي ته سڀ دعوتون ڏوهه آهن ۽ سڀ دعوت کائڻ وارا قانون شڪن؟
انهن ماڻهن جي متعلق ان کان سواءِ ڇا ٿو چئي سگهان ته اهي سڀ جا سڀ سج جي روشنيءَ ۾ بيٺا آهن پر سج ڏانهن پٺ ڏئي. انڪري کين صرف پنهنجا پاڇا نظر ايندا آهن ۽ انهن جا پاڇا ئي سندن قانون آهن .
افسوس! انهن ماڻهن جي اکيان سج پڇاڙون کانسواءِ ڪجھ به ناهي .

وري هي ڇاءِ توهان قانون جو اعتراف ٿا ڪريو ته زمين ڏانهن توڙي ان جا پاڇا گهوليندا ٿا رهو. پر اي ماڻهو! جيڪي سج ڏانهن منهن ڪري هلندا آهيو، ڌرتيءَ جا پاڇا توهان جا زنجير ٻڌجي نه سگهندا .

اي اهي انسانو! جيڪي هوا سان گڏوگڏ سفر ڪندا آهيو، توهان کي ڪنهن قطب نما جي ضرورت ناهي.

توهان کي انسانن جو جوڙيل قانون پنهنجي گرفت ۾ آڻي نه سگهندو. جيڪڏهن توهان پنهنجي ڳچيءَ مان ڳٽ لاهي اڇلايو ۽ ڪنهن جي ٻڌايل قيد خاني جي دروازي تي نه وڃو ته توهان کي ڪهڙو قانون ڊيڄاري ٿو سگهي ۽ جيڪڏهن توهان آزاد ٿي رقص ڪريو ۽ ڪنهن جي ٺاهيل زنجيرن ۾ نه ڦاسو! ته توهان کي ڪير عدالتن ۾ وٺي وڃي ٿو سگهي. جيڪڏهن توهان پنهنجو ظاهري لباس پنهنجي جسم تان پٽي اڇلايو ۽ اهو ڪنهن ٻئي جي رستي ۾ نه اڇلايو!

۽ اي باقي فاليس جا رهاڪو! توهان دهل جي آواز کي بوساٽي ٿا سگهو، سارنگيءَ جي تارن کي ڍلو ڪري ٿا سگهو، پر توهان مان ڪير آهي جيڪو بلبل کي چهڪڻ کان جهلي سگهي ؟“

****************

# آزادي

وري هڪ خطيب چيو: ”اسان کي آزاديءَ جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟“
مصطفيٰ جواب ڏنو ”مون توهان کي شهر جي دروازن ۽ پنهنجن گهرن جي ٻاهر پرڻ وارن هنڌن جي آڏو سجدي ۾ ڪريل، آزاديءَ جي پوڄا ڪندي ڏٺو آهي. جيئن ڪوئي غلام ڪنهن ظالم ۽ سرڪش جي آڏو ڪنڌ نوائيندو آهي ۽ ان جي تعريف ۾ قصيدا چوندا آهي. جيتوڻيڪ هوڪين قتل ڪندو آهي.
ها مون عبادتگاهه جي اَگرڻ ۾ ۽ قلعي جي ڇانوَءِ ۾ انهن ماڻهن کي، جيڪي توهان مان آزاديءَ جا سڀ کان وڏا پرستار آهن، آزاديءَ جي پاڃاري پنهنجن ڳچين ۾ وجهي ۽ آزاديءَ جون ٻيڙيون پنهنجي پيرن ۾ وجهي گهمندي ڏٺو آهي.
مون پنهنجي دل کي اندر ئي اندر رتوڇاڻ ٿيندي محسوس ڪيو آهي.
جڏهن اهو ڏسندو آهيان ته توهان آزاديءَ کي تيسين نٿا حاصل ڪري سگهو، جيسين ان جي حصول جي خواهش کي ڪڏهن به پنهنجي لاءِ زنجير نه سمجهو ۽ جيسين توهان ان جو ذڪر ان طرح ڪرڻ ڇڏي ڏيو ته اهائي توهان جي منزل مقصود ۽ اهائي توهان جي تمنائن جو ازالو آهي.
پنهنجي جان جو سنهن ! توهان حقيقي معنيٰ ۾ آزادي ان وقت حاصل ڪري سگهندؤ، جڏهن توهان جي زندگيءَ ۾ اهڙو ڪوبه ڏينهن نه اچي جيڪو فڪر ۽ جدوجهد کان خالي هجي ۽ توهان تي ڪابه رات نه گذري جنهن ۾ توهان ڪنهن ضرورت ۽ غم جو احساس نه ڪندؤ.
پر ان کان به وڌيڪ توهان کي آزادي تڏهن ملندي، جڏهن اهي شيون توهان جي زندگيءَ سان ڇهٽيل هجن ، ۽ توهان انهن سيني کان پلوَ ڇڏائي گذري وڃو.
خالي ۽ آزاد!
انهن رات ڏينهن کان توهان پاڻ کي ڪيئن مٿاهون رکندؤ، جيسين انهن زنجيرن کي نه ڇنو، جن مان توهان شعور جي ئي وقت پنهنجي ڏينهن جي گهڙين کي ٻڌي ڇڏيو هو؟
سچ ته اهو آهي ته اوهان جنهن کي آزادي چئو ٿا، اها انهن زنجيرن ۾ سڀ کان مظبوط زنجير آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان زنجير جو ڪڙيون سج جي روشنيءَ ۾ چمڪنديون آهن ۽ انهن جي چمڪ توهان جي اکين کي چنجهو ڪري ڇڏيندي آهي.
اها ڳوري پاڃاري چاهي؟ توهان جي ذات جي چند ٽڪرن جي، جنهن کي توهان پنهنجي ڪلهن تان لاهي، آزاديءَ جي ڪنوار سان ملڻ ٿا چاهيو.

جيڪڏهن هي قانون غير منصفاڻو آهي ۽ توهان انهيءَ کي ختم ڪرڻ ٿا گهرو! ته اهو نه وساريو ته اهوئي قانون آهي، جنهن کي توهان پاڻ پنهنجن هٿن سان پنهنجي چهري تي لکيو آهي.

توهان پنهنجي قانون جي لکيل ڪتابن کي باهه لڳائي قانون کي ختم ڪري نٿا سگهو ۽ نه ئي پنهنجن حاڪمن جي چهرن کي ڌوئي، جيڪو ڪجهه انهن تي لکيل آهي انهيءَ کي ڊاهي سگهو ٿا. پر ته توهان انهيءَ ڪم لاءِ سپني سمنڊن جو پاڻي وهائي ڇڏيو.

جيڪڏهن توهان ظالم ۽ جابر فرمانروا کي سندس تخت تان لاهڻ ٿا گهرو، ته اول تخت کي تباهه ڪريو، جيڪو ان جي لاءِ توهان پنهنجي اندر سجائي رکيو آهي.

انڪري ته ڪوئي به ظالم ۽ جابر فرمانروا ان راڄ تي حڪومت ڪري نه سگهندو جنهن ۾ آزاديءَ جي لوچ هجي ۽ جيڪو آزاديءَ جي لاءِ پنهنجي لاءِ فخر جو سرمايو سمجهندو هجي، جيسين خود راڄ جي آزاديءَ ۾ ظلم ۽ تشدد ڪندڙن جي ملاوت هجي ۽ جيسين خود رعايا جي وقار ۽ عزت ۽ فخر و غرور ۾ ذلت ۽ بي شرميءَ جا داغ نه هجن.

جيڪڏهن ڪوبه ڪٿڪو يا ڪائي سوچ هجي، جنهن کان توهان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرندا هجو ته ياد رکو ته ان کي توهان پاڻ پنهنجي لاءِ پسند ڪيو آهي. ڪنهن ٻئي توهان جي مٿي ۾ نه هنيو آهي.

جيڪڏهن ڪوئي خوف اٿو، جنهن کي توهان ختم ڪرڻ ٿا گهرو ته ان جي جاءِ توهان جي پنهنجي ئي دل ۾ آهي نه ئي ان شخص جي وجود ۾ جنهن کان توهان بد زن آهيو.

قسم آهي پنهنجي ذات جو! سڀئي شعبا ۽ مسئلا پسنديده يا نا پسنديد، مڪروهه يا محبوب، مطلوب يا مردود توهان جي وجود جي ئي گهراين ۾ متحرڪ آهن، توهان سان ئي ڳنڍيل هوندا آهن.

ها، توهان جي ئي نفس جي پاتال ۾ چرپر ڪندا آهن. جيئن روشني ۽ ان جو پاڇو، هڪجهڙن جيان پاڻ سان چر پر ڪندا آهن، ۽ جڏهن پاڇو ڌنڌلو ٿي ختم ٿي ويندو آهي، ته مذهم روشني هڪ روشنيءَ جو پاڇولو ٿي پوندي آهي.

اهو ئي حال توهان جي آزاديءَ جو آهي. جڏهن اها پنهنجي زنجيرن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندي آهي ته پاڻ هڪ عظيم آزاديءَ جو زنجير بڻجي ويندو آهي.

*****************

# عقل ۽ جذبو

وري هڪ غيب جون خبرون ٻڌائڻ واريءَ عورت ٻيهر هن کي عرض ڪيو: ”اسان کي عقل ۽ جذبي جي باري ۾ ڪجهه سمجهايو!“
مصطفيٰ جواب ڏنو: ڪڏهن ڪڏهن توهان جو روح هڪ ميدان جو راز بڻجي ويندو آهي.
جنهن ۾ توهان جو عقل ۽ سمجهه، توهان جا جذبا، توهان جي خواهشن سان جنگ جوٽيندا آهن.
ڪاش! مان توهان جي روحن ۾ صلح جو پيغامبر بڻجي اچي سگهان ها. جيئن توهان جي ماڻهن جي ڳنڍيل نفرت کي پري ڪري ڪين هڪ ڪري ڇڏيان ها. سندس حسد ۽ هڪٻئي ڏانهن وڌڻ کي ٻڌي ۽ ٻائيچاري ۾ بدلائي ڇڏيان ها ۽ هو محبت ۽ ٻڌيءَ جا گيت ڳائڻ لڳن ها. پر اڻ صلح جا پيغامبر نه بڻجو. اجان به اوهان جي دلين ۾ هڪٻئي جي لاءِ هڪجهڙي ۽ هڪجيتري محبت پيدا نه ٿئي.
توهان جا عقل ۽ توهان جا جذبا توهان جي سمنڊ تي ترندڙ روحن جا ونجهه ۽ سڙهه آهن.
۽ جيڪڏهن ونجهه ڀڃي پون يا سڙهه ڦاٽي پوي ته لهرون اوهان جي جهاز کي لوڏيندي ۽ جيڏانهن چاهينديون اوڏانهن لوڙهي وينديون. يا وري اهي سمنڊ جي وچ ۾ بنا چرپر جي بيهي رهندو.
انڪري جيڪڏهن اڪيلي عقل جي حڪومت هوندي ته اها هڪ اهڙي قوت بڻجي ويندي آهي جيڪا توهان کي ٻڌي سوڳهو ڪري ڇڏيندي آهي. ۽ جيڪڏهن جذبن کي آزاد ڇڏي ڏجي ته اهو هڪ اهڙو شعلو ٿي ويندو آهي، جيڪو خود پاڻ کي ساڙي وجهندو آهي.
بس پنهنجي روح کي موقعو ڏيو ته توهان جي عقل کي جذبي جي انتهائي اوچائيءَ تي پهچائي جتي هو ڳيتن سان ملي هڪ ٿي وڃي. ۽ پنهنجي روح کي اجازت ڏيو ته جذبي جو پردو ٻڌائي جيئن هو هر روز هڪ نئين زندگي گذاري. ان عنقا جي مثال ٿي وڃي، جيڪو پاڻ سڙندو آهي ۽ پنهنجي خاڪ مان وري جنم وٺندو آهي.
ڪاش! اوهان پنهنجي سمجهه ۽ پنهنجي خواهشن کي ان نظر سان ڏسو، جنهن نظر سان اوهان پنهنجي گهر اچڻ وارن ٻن پيارن مهمانن کي ڏسندا آهيو، پڪ ٿي توهان انهن ٻنهي مان هڪ کي ترجيح نه ڏيندؤ. انڪري جيڪڏهن توهان انهن مان ڪنهن به هڪ کي وڌيڪ اهميت ڏني ته انهن ٻنهي جي محبت ۽ پنهنجي محبت وڃائي وهندؤ.

جڏهن توهان پهاڙن جي وچ ۾ خوبصورت ۽ گهاٽن وڻن جي ڇانءَ ۾ ويهو، حدِ نظر تائين پکڙيل فصل ۽ ساوڪ جي سڪون ۽ جلال ۾ پنهنجا حصا ورهايو ته پنهنجي دل کي سڪون ۽ خاموشيءَ ۾ ڇوڙڻ ڏيو: روح مطلق اسان جي عقل ۾ آرام ڪرڻ ٿو گهري.
۽ جڏهن طوفان اچي، هوا جا جهوٽا جهنگلن کي لوڏي وجهن ۽ ڪڙڪا ۽ گاج آسمان جي جلال ۽ عظمت جو اعلان ڪن ته پنهنجي دل کي رعب ۽ خوف جي حالت ۾ ڇوڙڻ ڏيو: روح مطلق جذبي ۾ متحرڪ ٿيندو آهي.
جيسين خدائي مملڪت ۾ هڪ وجود هجي، جهنگل جي باغ جو هڪ پن هجي، توهان تي لازم آهي ته عقل جي هنج ۾ آرام ڪريو ۽ جذبي جي ميدان ۾ جدوجهد ۽ عمل جا جهنڊا کڙا ڪريو!“

***************

# غم

وري هڪ عورت چيو: ”اسان سان غم جي باري ۾ ﺑﻪ ڳالهايو !“
مصطفيٰ چيو: توهان جو غم ان خول جي ڀڄڻ جي اذيت آهي جنهن ۾ توهان جو عقل بند رهندو آهي.
جيئن ميوي جي سخت کل ڀڄندي آهي ته ان جو مغز سج جي روشني ۽ تپش کان سڌو سنئون فيض حاصل ڪري. اهو ئي حال غم جو آهي، جنهن کان توهان کي واقف ضرور ٿيڻ گهرجي.
جيڪڏهن توهان جي دل زندگيءَ جي روز پيش نه اچڻ وارن معجزن کي ڏسڻ جي قابل ٿئي ته توهان ڏسندؤ ته توهان جا غم توهان جي خوشين کان ڪجهه گهٽ خوبصورت ۽ دل نواز ناهن.
توهان پنهنجي دل جي موسمن جي بدلجڻ کي ائين قبول ڪري وٺندؤ جيئن توهان پنهنجي فصلن جي لاءِ موسمن جي بدلجڻ کي قبول ڪندا آهيو.
۽ جڏهن ڏک درد سان ڀريل موسم توهان تان گذرندي ته ان جو ڀرپور مطالعو ڪندؤ. انڪري جو توهان جا ڪيترائي ڏک آهن، جن کي توهان پاڻ پنهنجي لاءِ انهن کي پسند ڪيو آهي.
توهان جو ڏک حقيقت ۾ هڪ ڪوڙي دوا آهي، جيڪا توهان جي روحاني ڏک سور جي علاج جي لاءِ توهان جو طبيب توهان کي پياريندو آهي.
بس پنهنجي طبيب تي ڀروسو ڪريو ۽ ان جي تجويز ڪيل دوا کي سڪون ۽ اطمينان سان پيءُ ڇڏيو.
انڪري جو جراح جو هٿ ڪيترو ﺑﻪ ڳورو يا سخت هجي پر هو ڪم ڪندو آهي قدرت جي هٿ جي اشارن سان ۽ دوا جو جيڪو پيالو طبيب اوهان لاءِ آڻي ٿو، ڀل ته توهان جا چپ ئي ساڙي وجهي، پر اهو ٺهيل ان ئي مٽيءَ جو آهي، جنهن کي ڪنڀر پنهنجي پوتر ڳوڙهن سان ڳوهيندو آهي.

*****************

# نفس جي سڃاڻپ

وري هڪ شخص پڇيو: ”اسان کي نفس جي سڃاڻپ بابت ٻڌايو!“
مصطفيٰ جواب ڏنو: اوهان جو دليون سڪون ۾ سڪوت جي عالم ۾ ڏينهن رات جي اسرارن کي معلوم ڪنديون آهن. پر توهان جا ڪن توهان جي قلب جي وجدان جي آواز خاطر اڄارا رهندا آهن.
جيڪا شيءِ اوهان جي فڪر ۾ سدائين واضع رهندي آهي توهان ان کي لفظن ۾ ڄاڻڻ لاءِ بي چين رهندا آهيو. توهان چاهيندا آهيو ته پنهنجي خوابن جي اگهاڙي بدن کي پنهنجي آڱرين سان ڇهي سگهو.
توهان جو ڪجهه چاهيو ٿا، هڻ به ائين ئي گهرجي.
ضروري آهي ته توهان جي روحن ۾ جيڪو چشمو لڪل آهي، جلد ئي ڦٽي پوي ۽ جهونگاريندو سمنڊ ڏانهن روان دوان ٿي وڃي. ۽ اهي خزانه جيڪي توهان جي نفس جي سرمدي گهراين ۾ پوشيده آهن، توهان جي اکين اڳيان روشن ٿي پون. پر پنهنجي لڪل خزانن کي تارازين ۾ تورڻ جي ڪوشش نه ڪريو. نه ئي پنهنجي ڄاڻ اونهاين کي ڪاٺ يا رسيءَ جي ماپي سان ڪڇڻ جي لاحاصل ڪوشش نه ڪريو. ڇاڪاڻ ته توهان جو نفس هڪ اڻ ڪٿ سمنڊ جو ڪنارو آهي جنهن کي ماپي نه ٿو سگهجي نه توري.
ائين نه چاٿو ته ”مون حقيقت پرجهي ورتي.“
اڃان به هيئن چئو ته: ”مون ڪيترن ئي حقيقتن مان فقط هڪ ئي حقيقت جو علم حاصل ڪري ورتو.“
نه ئي هيئن چئو: ”مون روح جو ڳس ڏسي ورتو.“
پر هيئن چئو: ”پنهنجي واٽ هلندي هلندي، مان روح سان ڳڏيو آهيان.“
انڪري جو روح توهان جي رستن تي هلندو آهي.
اهو ڪنهن مقرر رستي جو پابند ناهي، نه ئي ڪنهن ٻوٽي جيان ڦٽندو آهي. اهو جڏهن ٽڙندو آهي، ڪنول جي گل جيان ٽڙندو آهي، جنهن جي پنکڙين کي ڳڻي نه سگهبو آهي.

***************

# تعليم

هڪ معلم چيو: ”اسان کي تعليم جي باري ۾ ڪجهه سمجهايو!“
مصطفيٰ وراڻيو: ”ڪو به انسان توهان تي ڪا به اهڙي شيءِ عيان نه ٿو ڪري سگهي جيڪا توهان جي ڄاڻ جي سهائي جي ڏنڌلڪي ۾ اڻ لڪي نه هجي.
اهو معلم جيڪو پنهنجي شاگردن جي وچ ۾ پنهنجي درسگاهه جي ڇانوَ ۾ خوش ٿيندو آهي، هو ڪين پنهنجو علم نه ڏيندو آهي، پر پنهنجو ايمان ۽ پنهنجي محبت ڪين عطا ڪندو آهي.
جيڪڏهن هو صحيح معنيٰ ۾ علم ۽ حڪمت جو امانتدار آهي ته اهو توهان کي پنهنجي عقل جي جاءِ ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت نه ڏيندو آهي، پر توهان جي پنهنجي ذهن جي چائنٺ ڏانهن توهان جي راهه نمائي ڪندو آهي. فلڪيات جو هڪ ماهر، فضا جي باري ۾ پنهنجي علم جو توهان سان ذڪر ته ڪري سگهندو پر هو توهان کي پنهنجي سمجهه بوجهه ڏئي نه سگهندو.
هڪ موسيقار، هو توهان کي وڄائي ٻڌائي سگهي ٿو، جيڪو پوري فضا ۾ جهومندڙ آهي. پر اهي ڪن توهان کي ڏيئي نه سگهندو، جيڪي ان گيت کي پنهنجي گرفت ۾ آڻيندا آهن. نه ئي اهو آواز توهان کي بخشي سگهي ٿو، جيڪو ان گيت کي شڪل عطا ڪندو آهي.
هو جيڪو علم رياضيءَ جو ڄاڻو آهي. وزن ۽ ماپ جا اصول ۽ حدون ته ٻاهي ٿو سگهي، پر هو اوهان کي ان جي گهراين ۾ وٺي وڃي نه ٿو سگهي.
ڇاڪاڻ ته هڪ انسان جي دانائي پنهنجون ڪنيڙاٽيون ٻئي انسان کي ڏئي نه سگهندي.
هاڻي جيئن توهان مان هرهڪ علم خداونديءَ مان پنهنجو هڪ سپ ڪان نرالو مقام رکندو آهي، ائين توهان مان، هر هڪ کي خدا جي باري ۾ پنهنجي علم ۽ ڌرتيءَ جي اسرارن جي باري ۾ پنهنجي ڄاڻ ۾ سيني ڪان جدا هئڻ گهرجي.“

**************

# دوستي

هڪ نوجوان ڳالهايو: ”اسان کي دوستيءَ جي باري ۾ ٻڌاءِ! “
مصطفيٰ جواب ڏنو: توهان جو دوست توهان جي اها ضرورت آهي، جيڪا پوري ٿي وئي هجي.
اهي توهان جو فصل آهن. جنهن ۾ توهان محبت جا ٻج ڇٽيندا آهيو ۽ شڪر ۽ تحمل سان ان جا گوشا پٽيندا آهيو. اهي ئي توهان جو دسترخوان ۽ اهي ئي توهان جو چلهو آهن. انڪري جو توهان پنهنجي بک کٽي انهن ڏانهن ويندا آهيو ۽ انهن جي پير ۾ امن ۽ اطميان تلاش ڪندا آهيو.
جڏهن توهان جو دوست پنهنجي دل جي ڳالهه اوهان سان سليندو آهي ته توهان پنهنجي دل جي ’نه‘ جي اظهار کان نه لهرائيندا آهيو، نه ئي پنهنجي ’ها‘ کي پنهنجي نڙيءَ ۾ ئي جهلي رکندا آهيو. ۽ جڏهن هن جي چپن تي خاموشي ڇانيل هوندي آهي، ان مهل به توهان جي دل هُن جي دل جي ڳالهه ٻڌڻ کان مرحوم نه ٿيندي آهي.
انڪري جو هر دوستيءَ ۾ سڀ خواهشون، سڀ توقع ۽ سڀ خيال لفظن جي بنا پيدا ٿيندا آهن. ۽ نفس ان ۾ شامل ٿي خوشي حاصل ڪندو آهي. بي طلب! جڏهن توهان پنهنجي دوست کان ڌار ٿيڻ لڳو ته توهان کي ڏکارو ٿيڻ نه گهرجي، انڪري جو هن جي وجود ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان وڌيڪ پياري آهي، ممڪن آهي هن جي جدائيءَ ۾ وڌيڪ روشن ٿي وڃي.
جيئن پهاڙ پهاڙ ماڻهو واري کي واديءَ کان صاف نظر ايندو آهي، توهان جي دوستي هر تمنا ۽ هر غرض کان پاڪ هئڻ گهرجي. سواءِ روح جي گهراين ۾ پيهي وڃڻ جي.
انڪري جيڪا محبت پنهنجي رازن تان پردو کڻڻ چاهيندي آهي، محبت ناهي، هڪ وکريل جار آهي، جنهن مان لاحاصليءَ کان سواءِ ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي.
توهان ۾ جيڪا سڀ کان بهتر شيءِ هجي اها دوست کي ڏيو. جيڪڏهن هو توهان جي بحر حيات جو جذبو ڏسڻ ٿو گهري ته ان جي دوستيءَ جي تقاضا اها آهي ته توهان ان جو سيلاب به ڏيکاريو.
پلا اهو به ڪو دوست هوندو جنهن کي واندڪائيءَ جون گهڙيون گذارڻ لاءِ تلاش ڪريو. دوست کي ته هميشه ان وقت تلاش ڪرڻ گهرجي، جڏهن توهان ان سان زندگيءَ جون گهڙيون گذاريو.
انڪري ته دوست جو ڪم توهان جي خالي وقت جو پورو ڪرڻ ناهي پر توهان جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي.

دوستيءَ جي راحت ۾ ٿڪن ۽ ڳَڏيل خوشين کي سمائي ڇڏيو. انڪري جو ماڪ انهن ڦڙن ۾ جيڪي ننڍين ننڍين شين تي ڪرندا آهن، دل کي پنهنجو صبح ملندو آهي ۽ اهو تر و تازو ٿي ويندو آهي.

* * * * * * * * * * * *

# ڳالهائڻ

هاڻ هڪ عالم اڳتي وڌيو ۽ چيائين: ”اسان کي ڳالهائڻ جي باري ۾ ڪجھ سمجھايو!“

مصطفيٰ جوب ڏنو: ”توهان ان مهل ڳالهائيندا آهيو جڏهن توهان جي ۽ توهان جي فڪرن جي وچ ۾ جنگ ختم ٿي ويندي آهي. جڏهن توهان پنهنجي دل جي هيڪلائين ۾ رهي نه سگھندا آهيو ته چپن تي اچي ويهندا آهيو.

آواز هڪ تفريحي مشغلو آهي ۽ وقت گذارن. ۽ جڏهن توهان زبان جون ڳنڍيون کولي ڇڏيندا آهيو ته پنهنجي فڪرن جو اڌ ساھ ڪڍي ڇڏيندا آهيو.

انڪري جو فڪر ڪليل هوا جو پکيئڙو آهي. جيڪو ڪلام جي پڃري ۾ پنهنجون کنپڙاتيون ته ڦڙڪائي سگھندو آهي، اڏامي نه سگھندو آهي.

توهان ۾ اڪثر اهڙا آهن، جيڪي گھڻو ڳالهائو ماڻهن ڏانهن انڪري پڄندا ويندا آهن جو اڪيلا رهڻ کان ڊڄندا آهن، انڪري جو هيڪلائي جي خاموشي، سندن اکين اڳيان سندن نفس تان پردو کڻي ڇڏيندي آهي. ۽ هو ڀڄي ويندا آهن.

توهان مان اهڙا به آهن، جيڪي ڳالهائيندا آهن بنا ڪنهن ڄاڻ جي، بنا ڪنهن پيش نظر جي، ان حقيقت کي ظاهر ڪري وجهندا آهن، جنهن جي کين به پروڙ نه هوندي آهي.

۽ اهڙا نفس به توهان ۾ آهن، جيڪي حقيقت کي پنهنجي ضمير جي گھراين ۾ لڪائي ڇڏيندا آهن. پر لفظن ۾ ان کي ظاهر نه ڪندا آهن.

اهڙن ماڻهن جي ئي سيني ۾ روح سڪون سان رهندو آهي اهڙو سڪون جنهن ۾ گيت شاهڪار ٿيندا آهن.

جڏهن توهان پنهنجي دوست سان راھ رستي ۾ ملو، ته پنهنجي اندر لڪل روح کي اجازت ڏيو ته هو توهان جي چپن کي چرپر ۾ آڻي ۽ توهان جي زبان جي رهنمائي ڪري. ۽ ان آواز کي جيڪو توهان جي اندر آهي، ان ڪن ۾ سرٻاٽ ڪرڻ ڏيو، جيڪو ان ڪن جي پويان ٻڌڻ لاءِ آتو آهي.

انڪري ته ان جو روح توهان جي دل جي حقيقت کي اندر محفوظ رکندو. جهڙي طرح زبان شراب جي ذائقي کي محفوظ رکندي آهي. ان مهل به جڏهن هن جي رنگ کي فراموشي ڳڙڪائي ويندي آهي. ۽ ان جي پيالي کي زمانو ڀڃي پورا ڪري ڇڏيندو آهي.

**************

# زمانو

وري هڪ نجوميءَ پڇيو: ”اي اسان جا رهنما! زماني جي حقيقت اسان تي واضح ڪر! “

مصطفيٰ وراڻيو: ”توهان وقت کي ماپڻ ٿا گهرو. جيتوڻيڪ وقت ماپي ٿو سگهجي نه ئي توري ٿو سگهجي.

توهان پنهنجو رستو پنهنجي روح جا طور طريقا به وقت مطابق ٺاهڻ ٿا چاهيو. توهان وقت کي هڪ درياءُ بنائڻ ٿا گهرو، جنهن جي ڪنڌيءَ تي ويهي توهان ان جي وهڪري جو تماشو ڏسي سگهو.

پر هو جا هڪ مجذوبي شيءِ اوهان جي اندر آهي. اها ڄاڻي ٿي ته زندگي وقت جي ماپ تور کان آزاد آهي. اها ڄاڻي ٿي ته ’ڪالهه‘ ’اڄ‘ جي لاءِ محض هڪ ياد آهي ۽ ’سڀاڻو‘ اڄ جي لاءِ هڪ خواب! هوءَ ان ڪان به باخبر آهي ته جيڪا شيءِ توهان ۾ گيت ڳائيندي آهي ۽ غور و فڪر ڪندي آهي، اها ان ئي هڪ گهڙيءَ ۾ آهي، جنهن گهڙيءَ ۾ فضا ۾ تارا وکيريا ويا هئا.

توهان مان ڪير آهي جيڪو اهو محسوس نه ٿو ڪري ته ان ۾ محبت ڪرڻ جي جيڪا قدرت ۽ صلاحيت آهي، ان جي ڪا حد يا پڇاڙي ناهي؟

پر توهان ۾ اهو ڪير آهي جيڪو اهو محسوس نه ٿو ڪري ته اها محبت، جيڪا پاڻ انهن حدن کان ناواقف آهي، توهان جي دل جي گهرائيءَ ۾ رهندي آهي.

اها نه فڪري طور تي هڪ محبت مان ٻي محبت ۾ منتقل ٿيندي آهي ۽ نه عملي طور تي هڪ محبت کي ڇڏي ٻي محبت ڏانهن پڇندي آهي.

نه ڇا زمانو به محبت جيان ناهي؟ جيڪو نه ورهائجي ٿو ۽ نه وکن سان ماپي ٿو سگهجي.

جيڪڏهن توهان جو عقل توهان کي زماني کي موسمن ۾ ورهائڻ تي مجبور ڪري ته هر موسم کي ٻين موسمن ۾ وکوڙي ڇڏيو.

پنهنجي حال کي پنهنجي يادن جي وسيلي ماضيءَ سان ۽ اميدن ۽ آرزوئن کي مستقبل سان سجائي ڇڏيو! “

***************

# چڱـائي ۽ مَـنائي

شهر جي هڪ معمر چيو: ”اسان کي چڱائيءَ ۽ مٺائيءَ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو! “
مصطفيٰ وراڻيو: توهان جي اندر جا چڱائي آهي، ان جي باري ۾ ته مان ڳالهائي ٿو سگهان، پر مٺائيءَ جي باري ۾ ڪجهه چئي نه سگهندس.
ڇا مٺائي ان چڱائيءَ ڪانسواءِ ٻي ڪجهه آهي، جنهن کي ان جي اڃ ۽ بک عذاب ۾ وجهي ڇڏيو آهي؟
پنهنجي سر جو قسم! جڏهن چڱائيءَ جي بک ستائيندي آهي، ته اها اونداهن غارن مان غذا تلاش ڪندي آهي. ۽ جڏهن اڃ کيس بيحال ڪري ڇڏيندي آهي ته اها گندي پاڻيءَ مان به اڃ بجهائي ڇڏيندي آهي.
مون جيان ٿي وڃو! پڪا ۽ رس سان ڀريل! جيڪو هميشه پنهنجيون نعمتون ٻين ۾ ورهائيندو آهي، انڪري جو ٻين کي ڏيڻ ثمر جي ضرورت آهي ۽ ٻين کان وٺڻ ٻج جي ضرورت. توهان نيڪ آهيو، جڏهن پوري سجاڳيءَ جي حالت ۾ گفتگو ڪندا آهيو.
پر توهان کي برو نه چيو ويندو، جيڪڏهن توهان ننڊ ۾ گفتگو ڪندا آهيو.
انڪري جو ٻي ربط گفتگو به ڪمزور زبان کي طاقت عطا ڪري سگهي ٿي.
توهان نيڪ آهيو. جڏهن توهان پنهنجي نصب العين ڏانهن مردانگيءَ جي وک کڻندا آهيو. پر توهان بد نه ٿيندؤ جيڪڏهن منڊڪائي هلو. ان ڪري جو منڊڪائيندڙ پوئتي نه ويندا آهن.
پر توهان ته پختي قدم ۽ تيز رفتار آهيو.
منڊي تي شفقت ۽ مهرباني ڪندي ان جي آڏو منڊڪائي هلڻ نه لڳجو.
توهين تيسين نيڪ آهيو، جيسين پنهنجي ذات سان هيڪلا آهيو. پر ائين نه ٿئي ته معنيٰ اها ناهي ته توهان ضرور بد ٿي وڃو. انڪري ته ورهايل گهر چورن جو اڏو ناهي، اهو صرف ورهيل گهر آهي.
۽ هڪ بنا ونجهن جي ٻيڙو، ٿي سگهي ٿو ته پرخطر جزيري جي وچ ۾ لوڏا کائيندو رهي.
پر ضروري ناهي ته ٻڏي وڃي.
توهان نيڪ آهيو، جڏهن پنهنجي ذات مان ڪجهه حصو ٻين کي ڏئي سگهو.
پر توهان کي بد نه چيو ويندو جڏهن توهان پنهنجي لاءِ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. توهان جو مثال انهن ٻاڙن جيان هوندو آهي، جيڪي ڌرتيءَ ۾ کتل هونديون آهن ۽ ان جي سيني مان پنهنجي خوراڪ حاصل ڪنديون آهن.
يقينن ميوو ٻجن کي اهو چئي نه سگهندو ته: توهان جي زندگيءَ جون بيشمار راهون آهن، جن ۾ توهان نيڪ آهيو.

۽ توهان جو نيڪ نہ هئڻ، توهان جو بد هئڻ لاءِ لازم نہ آهي. ان صورت ۾ توهان صرف هڪ آرام پسند ۽ سست رفتار ٿيا ويندؤ. ۽ افسوس آهي تہ هرڻ، ڪڇون ءَ کي تيز هلڻ، چستائيءَ سان هلڻ سيکاري نہ ٿو سگهي.
توهان جي نيڪي توهان جي ان شوق ۾ لڪل آهي جيڪو توهان پنهنجي نفس عظيم جي لاءِ رکندا آهيو. ۽ اهو شوق توهان مان هر هڪ ۾ ملندو آهي. پر توهان مان ڪيترن وٽ اهو شوق ان وهندڙ نديءَ جي مثال آهي جيڪا پنهن جي پوري طاقت سان سمنڊ ڏانهن وڌندي ويندي آهي ۽ ان جي سيني ۾ پهاڙين جا سڀ راز ۽ جهنگلن جا سڀ گيت هوندا آهن.
ٻين ۾ هڪ اڻ لڀ چشمي جيان، جيڪو سمنڊ جي ڪنڌيءَ تي پهچڻ کان اڳ رستي جا ور وڪڙ پاسن ۽ ڪنڊن ۽ ٻانڌن ۾ جذب ٿي ويندو آهي.
پر ٻي انتها شوق رکڻ واري کي ان شخص سان جنهن ۾ طلب جي باھ هلڪي آهي اهو نہ چوڻ گهرجي: تہ تو ۾ اها سست رفتاري ڇو آهي؟ تون وڪون ڇو نہ ٿو وڌائين؟ انڪري تہ جيڪو سچ پچ نيڪ آهي، اهو ڪنهن اگهاڙي کي ائين نہ چوندو تہ : "تنهنجا ڪپڙا ڪٿي آهن ۽ نہ ڪنهن بہ گهر کان اهو پڇندو آهي تہ : "تنهنجي گهر تي ڇا وهيو واپرايو آهي؟"

***************

# دعا

وري هڪ راهبہ پڇيو: ”اسان کي ٻڌايو تہ دعا ڇا آهي؟“
مصطفيٰ چيو تہ: اوهين ان مهل دعا گهرندا آهيو، جڏهن توهان تي ڪا مصيبت ايندي آهي يا جڏهن توهان کي ڪا ضرورت تنگ ڪندي آهي.
ڪاش! توهان جا هٿ ان ويل بہ دعا لاءِ اٿن ها، جڏهن توهان جون دليون خوشيءَ سان ٽمٽار هونديون آهن ۽ توهان جي زندگي راحت ۽ اطمينان سان گذرندي آهي.
دعا ان کانسواءِ ڇاهي تہ توهان پنهنجو پاڻ کي جيئري ايٿر ۾ وکيري ڇڏيندا آهيو؟
جڏهن اوهان پنهنجي اونداهين کي فضا ۾ وکيري پنهنجي دلين ۾ راحت محسوس ڪندا آهيو، تہ توهان کي ان روشنيءَ کي ڦهلائي بہ خوشي محسوس ڪرڻ گهرجي جنهن سان اوهان جون دليون روشن آهن.
توهان ان مهل، جڏهن توهان جو روح توهان کي سڏيندو آهي، پنهنجن ڳوڙهن کي جهلي نہ سگهندا آهيو، تہ ان روح کي گهرجي تہ، رئندي ئي سهي، توهان کي هر هر ڪتڪاڙيون ڏئي، جيسين توهان کلڻ لڳو.
جڏهن توهان دعا ڪندا آهيو تہ فضا ۾ وڏي آواز، انهن ماڻهن جي روحن سان ملندا آهيو، جيڪي عين ان مهل دعا لاءِ هٿ کڻندا آهن. ۽ انهن روحن سان توهان جا روح دعا کانسواءِ ڪنهن مهل بہ ملي نہ سگهندا.
بس دعا گهرڻ جي جاءِ ۾ توهان کي لڪي لڪي وڃڻ گهرجي.
جتي سرور ۽ وجد ۽ مٺڙي رفاقت کان سواءِ توهان جو ڪوبہ مطلوب ۽ مقصود نہ هجي.
انڪري تہ جيڪڏهن دعا جي جاءِ ۾ توهان صرف سائل بڻجي ويئو تہ توهان جي حاجت هرگز پوري نہ ٿيندي. جيڪڏهن توهان اتي عجز جي اظهار لاءِ پهتو تہ توهان جا روح اوچاين تي پهچي نہ سگهندا.
۽ جيڪڏهن توهان ڪنهن ٻئي جي ڀلائيءَ لاءِ دعا ڪرڻ ويا آهيو تہ توهان جي هڪ نہ ٻڌي ويندي.
بس توهان لاءِ اهوئي ڪافي آهي تہ توهان دعا جي جاءِ ۾ لڪي لڪي وڃو!“
افسوس آهي! مان توهان کي اهو ٻڌائي نہ ٿو سگهان تہ دعا ڪهڙن لفظن ۾ گهري وڃي! انڪري تہ الله صرف اهي لفظ ٻڌندو آهي، جيڪي هو پاڻ توهان جي زبان مان ادا ڪرائيندو آهي.
افسوس! جو مان توهان کي اها دعا بہ سيکاري نہ ٿو سگهان جيڪا سمنڊن جهنگلن ۽ پهاڙن جي زبان جي ورد ڪيل آهي.
پر توهان سمنڊن، جهنگلن ۽ پهاڙن جي جگر جا ٽڪرا آهيو. انهن جي دعائن کي پنهنجي دلين ۾ ڳولي ٿا سگهو. جيڪڏهن رات جي خاموشيءَ تي ڌيان ڏئي سگهو تہ

انهن سمنڊن، جهنگلن ۽ پهاڙن کي گونگي زبان ۾ چوندي ٻڌندؤ: ”اي! اسان جا پروردگار! اي اسان جا روح! جيڪي پنهنجي آسمانن تان اسان جي مثان اڏامندا آهن. توهان جي ئي رضا اسان جي اندر ڪارفرما آهي.

توهان جي رغبت آهي، جيڪا اسان جي اندر پنهنجائيءَ جو ٻج ٿي پوکي، اسان جي اندر اها تنهنجي ئي تقاضا آهي، جيڪا اسان جي راتين کي، جيڪي دراصل تنهنجون راتيون آهن، ڏينهن ۾ تبديل ڪندو آهي، جيڪي دراصل تنهنجا ئي ٻڌايل آهن.

اي اسان جا پروردگار! اسان توکان ڪجهه گهري نه ٿا سگهون، انڪري ته تون اسان جي ضرورتن کي ڄاڻندو آهين، ان کان پهرين ته اهي اسان جي دلين ۾ پيدا ٿين.

تون ئي اسان جي ضرورت آهين.

۽ جڏهن تون پنهنجي ذات جو هڪڙو وڏو حصو اسان کي عطا ڪري ڇڏيندو آهين، ته ڄڻ سڀ ڪجهه اسان کي بخشي ڇڏيندو آهين.“

***************

# عيش

هاڻ هڪ راهب اڳتي وڌيو، جيڪو سالوَن سال شهر ايندو آهي هو ۽ چيائين:
”اسان کي عيش جي باري ۾ ڪجهه
ٻڌايو!“
جواب ۾ مصطفيٰ وراڻيس عيش، آزاديءَ جي گيتن مان هڪ گيت آهي. پر اهو آزادي ناهي. اهو توهان جي خواهش جو هڪ گوشو آهي. پر اهو انهن جو ميوو ناهي.
اها هڪ گهرائي آهي، جيڪا اوچاين کي سڏيندي آهي، پر اها نه گهرائي آهي نه اونچائي.
اهو پنجري ۾ بند هڪ پکيڙي جي اڏامڻ جي ڪوشش آهي، پر اهو فضائي پرواز ناهي.
بيشڪ! عيش، آزاديءَ جو هڪ گيت آهي، ۽ منهنجي تمنا آهي ته ڪاش! توهان ان گيت کي پنهنجي دل جي سمورين ڪيفيتن سان ڳائي سگهو.
پر مان اهو نه ٿو چاهيان ته اهو گيت توهان جي دلين کي ضايع ڪري ڇڏي.
توهان جا ڪجهه نوجوان عيش طرف ائين ڊوڙندا آهن، ڄڻ اهو سڀ ڪجهه آهي.
انڪري سندن خلاف فيصلا صادر ڪيا ويندا آهن،ڪين گهٽ وڌ ڳالهايو ويندو آهي.
جيڪڏهن مان توهان مان هجان ها، ته انهن جي خلاف ڪي فيصلا صادر ڪريان ها، نه ئي ڪين گهٽ وڌ ڳالهايان ها. پر عيش جي راهه ۾ سندن حوصلا وڌايان هان، انڪري جڏهن هو عيش حاصل ڪندا ته اڪيلا حاصل نه ڪندا.
هن جون ست ڀينر آهن ۽ انهن مان جيڪا سڀني کان گهٽ خوبصورت آهي، اها به عيش کان وڌيڪ حسين آهي.
ڇا اوهان ان شخص جو قصو نه ٻڌو آهي، جيڪو پاڙون پٽڻ لاءِ زمين کوٽي رهيو هو، پر اتي کيس خزانو ميل ويو. توهان مان ڪجهه وڏي عمر وارا ماڻهو عيش جو اهڙيءَ طرح ذڪر ڪندا آهن، ڄڻ اهو هڪ گناهه هو جيڪو اڻ ڄاڻائيءَ جي حالت ۾ ڪائن سرزد ٿي ويو.
پر پڇتاءُ ته هڪ پردو آهي، جيڪو عقل تي وِڌو ويندو آهي. اهو ڪفارو ناهي، جيڪو گندگي ڌوئي ڇڏي.
هن کي ته اهو گهرجي ته عيش کي شڪرگذاريءَ سان ياد ڪن، ڄڻ اها سرسبز پوک آهي، جنهن کي هن گرمين ۾ لٽيو هو.
جيڪڏهن سندن دل کي پڇتاءَ ۾ ئي تسلي ملي ٿي ته ڪين ائين تسڪين حاصل ڪرڻ ڏيو.
توهان ۾ اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي نوجوانن جيان عيش جي پويان ڀڄندا آهن، نه پوڙهن جيان ان کي حسرت سان ياد ڪندا آهن. اهي تلاش ۽ يادن کان ڊڄندا آهن ۽ عيش کان ئي پجڻ لڳندا آهن.

انهيءَ خوف کان ته ڪٿي هو پنهنجي روح کي وساري نه ويهن يا ان سان ڪا زيادتي نه ڪري ويهن. پر سندن اهو ذهن به عيش جي ئي هڪ صورت آهي، خزانو انهن کي به ملندو آهي، جيڪي ڏڪندڙ هٿن سان پاڙون کوٽيندا آهن. مون کي ٻڌايو! اهو ڪير آهي جيڪو پنهنجي روح سان زيادتي ڪري سگهي؟
ڇا بلبل رات جي خاموشيءَ جو پردو ڦاڙي ٿي سگهي؟
يا ڪرڪنڙو تارن جو ڪجهه بگاڙي ٿو سگهي؟
۽ اوهان جو شعلو يا اوهان جو دونهون هوا جي لاءِ ڳورو وزن ٿي سگهي ٿو؟
ڇا توهان روح کي هڪ تالاب ٿا سمجهو، جنهن جي پاڻيءَ کي توهان پنهنجي ڪاٺيءَ سان موج زن ڪري سگهندؤ؟ جيڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته توهان عيش کان انڪار ڪندا آهيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي خواهش کي، پنهنجي ذات جي تهن ۾ لڪائي ڇڏيندا آهيو. ۽ ڪنهن کي، خبر آهي، جنهن کان اڄ توهان انڪار ٿا ڪريو صبحاڻي اهو اوهان جو منتظر هجي؟
توهان جو جسم پاڻ ڄاڻي ٿو، جيڪو ڪيس ورثي ۾ مليو آهي، اهو پنهنجي حقيقي ضرورت کان واقف آهي ۽ ڪنهن کان به ڌوڪو نٿو کائي سگهي.
توهان جو جسم توهان جي روح جو بربط آهي. هاڻ توهان جو اهو ڪم آهي ته توهان ان مان منٺڙا گيت پيدا ڪريو يا پريشان آواز!
هاڻ توهان پنهنجي دل کان پڇي رهيا هوندؤ ته: اسان اهو ڪيئن سمجهون ته عيش ۾ بهتري ڇاهي ۽ خرابي ڪهڙي آهي؟
پنهنجي پوکن ۽ پنهنجي باغن ۾ وڃو! توهان ڏسندؤ ته ماکيءَ جي مک گل جي رس چوسڻ ۾ پنهنجي عيش حاصل ڪندي آهي.
پر گل کي به ان طرح عيش ملندو آهي ته پنهنجي رس، ماکيءَ جي مک جي حوالي ڪري ڇڏي. ماکيءَ جي مک جي نظر ۾ گل زندگيءَ جو هڪ چشمو آهي. ۽ گل جي نظر ۾ ماکيءَ جي مک ۽ گل ٻنهي جي لاءِ اهو وٺڻ ۽ ڏيڻ، هڪ ضرورت آهي ۽ هڪ خوشي!
بس اي فاليس جا رهواسيو! پنهنجي عيش ۾ توهان ماکيءَ جي مک ۽ گل جو مثال بڻجي وڃو!“

***************

# حُسن

هڪ شاعر چيو: ” اسان کي حسن جي باري ۾ ڪجهه پڙهايو!“
مصطفيٰ جواب ڏنو: ”توهان حسن کي ڪٿي ڳوليندؤ ۽ ڪيئن لهندؤ، جيسين اهو ئي توهان کي رستي ۾ نه ملي ۽ توهان جي رهنمائي نه ڪري.
توهان ڪيئن هن متعلق ڳالهائيندؤ، جيسين اهو ئي توهان جي گفتگوءَ جو تاجي پيٺو نه بڻائي؟
زخمِ نصيب چوندو آهي،”حسن مهربان۽ رحمدل آهي! اهو اسان جي وچ مان، ان نوجوان ماءُ جيان لنگهندو آهي، جيڪا پنهنجي عزت ۽ منزلت کان لڄائيندي ويندي آهي.“ وري جذبات پرست چوندو آهي، ”نه! حسن طاقت ۽ دهشت جو هڪ مظهر آهي. جيڪو طوفان جيان، اسانجي پيرن هيٺان زمين کي ۽ اسان جي سرن جي مٿان آسمان کي ڌوڏيندو آهي.“
ڪمزور دردن ماريو چوندو آهي: ”حسن هڪ آهستي ۽ نرم ۽ نازڪ آواز آهي، جيڪو اسان جي روحن سان سرگوشيون ڪندو آهي سندس آواز اسان جي ماٺائين ۾ اهڙيءَ طرح جهومندو آهي، جيئن چانڊوڪيءَ جي ڊپ کان ڏڪندڙ روشني!“
وري بيقرار ۽ گهرايل چوندو آهي: ”اسان ڪيس پهاڙن جيان گونجندي ۽ گجندي ٻڌو آهي- سندس گونج گرج سان گڏ، گهوڙن جي سنبن جي آواز، پکين جي پرن جي ڦڙڦڙاهٽ ۽ شينهن جي رڙين جو آواز اسان جي ڪنن ٻڌو آهي.“
رات جي پهر شهر جو چوڪيدار چوندو آهي: ”حسن، صبح سان گڏ اوڀر کان ايرندو.“
منجهند جو مزدور ۽ مسافر چوندا آهن: ”اسان ڪيس الهندي جي ڳڙکين مان زمين تي ليئا پائيندي ڏٺو آهي.“
سرديءَ جي مند ۾ برف ۾ ويڙهيل انسان چوندا آهن: ”حسن بهار جي مند سان ايندو ۽ پهاڙن تي ٽپا ڏيندو رهندو.“
گرميءَ جي رت ۾ ڪڙي اس ۾ فصل لڻندڙ چوندا آهن: ”اسان هن کي خزان جي مند ۾ پنن سان نچندي ڏٺو آهي. سندس وارن ۾ اسانکي برف جا سفيد گپڙا نظر ايندا آهن.“ هاڻ اهي سڀ ڳالهيون حسن جي باري ۾ چوندا آهيو. پر سچ ته اهو آهي ته، توهان حسن جي ڳالهه ئي ڪٿي ڪئي آ؟ ڪريو؟“
۽ حسن، ضرورت نه سرور آهي.
اهو نه اڃ وڳهي ڏڪندڙ چپ آهي ۽ نه ڊگهيريل هٿ.
پر اهو هڪ دل آهي- دڪندڙ.
هڪ روح آهي- پريشان ۽ عاشق.
هو ڪا اهڙي صورت ناهي، جنهن کي اوهين ڏسي سگهو.

نہ ئي هو ڪو اھڙو گيت آهي، جنهن کي اوهين ٻڌي سگهو. هو هڪ اهڙي صورت آهي، جنهن کي اوهين پنهنجيون اکيون بند ڪري بہ ڏسي ٿا سگهو.
اهو اهڙو گيت آهي جنهن کي اوهين پنهنجا ڪن بند ڪري بہ ٻڌي ٿا سگهو.
هو ڪنهن ڦاٽي پيل ميوي ۾ لڪل رس ناهي ۽ نہ ئي ڪنهن چنبي ۾ ڦاٿل پَرُ ئي آهي.
هو تہ هڪ باغ آهي، جنهن ۾ بارنهن ئي مهينا گل ٽڙندا آهن.
فرشتن جو هڪ ميڙاڪو آهي، جيڪي هر وقت فضا ۾ تهلندا رهندا آهن.
اي فاليس جا رهاڪؤ! حسن زندگي آهي- اها زندگي جيڪا پنهنجي نوراني چهري تان پردو کڻي، ۽ اوهين ئي زندگي آهيو ۽ اوهين ئي پردو.
حسن ابديت آهي، جيڪو پنهنجو عڪس پنهنجي آئيني ۾ ڏسندو آهي.
توهان ئي ابديت آهيو ۽ توهان ئي آئينو!“

*******************

# مذهب

هڪ پوڙهي پادريءَ ڳالهايو: ”اسان کي مذهب جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو!“
مصطفيٰ جواب ۾ وراڻيو: ”ڇا جو ڪجهه مون اڄ توهان کي ٻڌايو آهي، مذهب کانسواءِ ٻيو ڪجهه آهي؟ ڇا سڀئي عمل ۽ سڀ فڪر مذهب ناهن؟
۽ اها شيءِ به، جيڪا نه عمل آهي نه فڪر، پر ها حيرت ۽ تعجب به مذهب جي دائري مان خارج آهي، جيڪو هر پل روح ۾ اظهار ڪندو آهي. ان مهل به انسان جو هٿ ڪٽيندو آهي، ۽ ان مهل به جنهن مهل هو چرخو هلائيندو آهي؟
ڪير آهي جيڪو پنهنجي ايمان کي پنهنجي عمل کان جدا ڪري سگهي؟
يا پنهنجي عقيدي کي پنهنجي مشغلن کان جدا رکي سگهي؟ ۽ ڪير آهي جو پنهنجي زندگيءَ جا لمحات ۽ ساعتن کي پنهنجي اڳيان وکيري چوي: ”هي الله جي لاءِ آهن ۽ هي منهنجي جسم جي لاءِ؟
توهان جا سڀ حالات، توهان جو سڀئي گهڙيون اهي کنڀ ۽ پر آهن، جيڪي فضا ۾ اوهان جي چرپر سان گڏ چنبڙيل رهندا آهن.
جيڪو خوش اخلاقيءَ جو لباس محض ان لاءِ پهريندو آهي ته اها سندس بهترين پوشاڪ آهي، ته بهتر آهي ته اهو اگهاڙو رهي.
هوا جون لهرون ۽ سج جا ڪرڻا سندس کل کي نه ڪپيندين. ۽ ڪوبه پنهنجي عمل جي طرز جي تحديد اخلاقي پابندين مطابق ڪندو آهي، ڄڻ پنهنجي ڳائيندڙ پکيءَ کي پڃري ۾ بند ٿو ڪري.
انڪري ته آزاد ترين گيت، بانس جي تڪرن ۽ تارن مان نه نڪرندو آهي.
اهو شخص جنهن لاءِ عبادت هڪ دري آهي، جنهن کي جڏهن وڻيس کولي ڇڏي جڏهن وڻيس کولي ڇڏي، ان شخص اجان تائين پنهنجي روح جو نڪاٽو ڏٺو ئي ناهي، جنهن جون دريون هر وقت کليون رهنديون آهن.
اها زندگي جيڪا اوهان روزانه گذاريندا آهيو، توهان جو معبد ۽ توهان جو مذهب آهي.
جڏهن به اوهان ان عبادت ڪدي ۾ داخل ٿيو، ته پنهنجي پونجي پاڻ سان ساڻ کڻي وڃو! هر ڀئي، هٿوڙو ۽ بربط ۽ اهي سڀئي شيون به، جيڪي توهان پنهنجي ضرورت يا پنهنجي عيش ۽ آرام جي لاءِ ٺاهيون آهن. انڪري ته جڏهن توهان پنهنجي خوابن جي آسمان تي اڏامندو آهيو، ته پنهنجي ڪاميابين کان بلند تر وڃي سگهندا آهيو، نه ئي پنهنجي ناڪامين کان پست تر ڪري سگهندا آهيو.

سيني انسانن کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃو! انڪري ته توهان پنهنجي عبادت ۾ نه ته انهن سيني اميدن ۽ تمنائن کان متاهان اڏامي سگهندا آهيو ۽ نه انهن مڙني جي مايوسين ۽ نامرادين کان هيٺ ڪري ٿا سگهو.
جيڪڏهن اوهان الله کي سڃاڻڻ چاهيو ٿا ته پنهنجو پاڻ کي الجهائن ۾ نه ڦاسايو. پر پنهنجي چوڌاري ڏسو! توهان کيس پنهنجي ٻارن سان کيڏندو ڏسندؤ!
فضا ۾ ڏسو! توهان کيس ڪڪرن ۾ گهمندو ڦرندو، کنوڻ ۾ ٻانهون ڏگهيري ۽ بارش سان گڏ زمين تي لهندي ڏسندؤ.
ها، توهان کيس گلن ۾ مرڪندي ۽ وڻن مان اشارا ڪندي ڏسندؤ!“

*****************

# موت

”هاڻ اسان اوهان کان موت جي باري ۾ پڇڻ چاهينداسون!“ المترا چيو.
”توهان موت جو راز ڄاڻڻ ٿا گهرو؟“ مصطفيٰ وراڻيو.”پر توهان اهو ايئن ڪيئن حاصل ڪري سگهندؤ. جيسين ان جي ڳولا قلب حيات ۾ نه ڪريو!
چبرو، جنهن جو اکيون رات جي وقت ڏسنديون آهن ۽ راز ڪيس ڏينهن جو ڏسڻ ۾ نه ايندو آهي، اهو روشنيءَ جي راز تان پردو کڻي نه ٿو سگهي.
جيڪڏهن اوهان حقيقي معنيٰ ۾ موت جي حقيقت تان پردو کڻڻ ٿا گهرو، ته حياتيءَ جي جسم ڏانهن پنهنجي دل جا دروازا کولي ڇڏيو. انڪري ته زندگي ۽ موت برابر آهن. جيئن درياءَ ۽ سمنڊ هڪ آهن.
توهان جي اميدن ۽ خواهشن جي اونهائين ۾ غيب جي باري ۾ توهان جو خاموش علم لڪل آهي. جيئن برف جي ڇپن جي هيٺان دبيل ٻج خواب ڏسندو آهي، اهڙيءَ طرح توهان جي دل بهار جو خواب ڏسندي آهي.
بس خوابن تي ڀروسو ڪريو ته انهن ۾ ابديت جو دروازو لڪل آهي.
موت کان ڊڄڻ توهان لاءِ ائين آهي، جيئن ڌنار جو بادشاهه جي آڏو ڏڪڻ، جيڪو شفقت مان هن جي ڪلهي تي ٿڦڪي ڏيندو آهي.
ڇا ان ڏڪڻيءَ جي پويان اها خوشي لڪل ناهي ته هو سلطاني تمغي سان نوازيو ويندو؟
ڇا هو ان ڏڪڻيءَ جي باري ۾ وڌيڪ محتاط ناهي؟
موت ان کان سواءِ ڇاهي ته اسان هوا ۾ اگهاڙا ٿي بيهون ۽ سج جا گرم گرم ڪرڻا اسان کي ڳهاري ڇڏين ۽ ساهه جو اچڻ وڃڻ بيهي وڃڻ ڪهڙو مطلب آهي، سواءِ ان جي ته هو زماني جي پابندين کان آزاد ٿي ڪري، ڪنهن قيد ۽ ڪنهن بندش جي بنا ذات مطلق ڏانهن اڏامي سگهي. توهان حقيقي معنيٰ ۾ ان ويل گيت ڳائڻ شروع ڪندؤ. جڏهن اوهان پنهنجي خاموشيءَ جي درياءَ مان هڪ ڍڪ ڀريو، ۽ توهان اوچائيءَ تي ان مهل چڙهڻ شروع ڪندؤ. جڏهن توهان پهاڙ جي چوٽيءَ تي پهچي ويندؤ.
توهان صحيح معنيٰ ۾ رقص ان وقت ڪندؤ. جڏهن زمين توهان کي پنهنجي هنج ۾ لڪائي ڇڏيندي.“

******************

# وِداع

سج الهندي ڏانهن جهڪي ويو. المترا چيو: ”مبارڪ آهي هي ڏينهن، مبارڪ آهي هيءَ جڳهه، مبارڪ آهي اوهان جو روح جيڪو اسان سان هم ڪلام ٿيو.“
مصطفيٰ چيو: ”ڇا مان صرف چوڻ وارو ئي هوس؟ ٻڌڻ وارو نه هوس؟“
مصطفيٰ عبادتگاهه جي ڏاڪڻين تان لٿو ۽ ماڻهو سندس پويان هلڻ لڳا. هو پنهنجي جهاز تي سوار ٿي ويو ۽ ان جي اڳيان تي بيهي، هن مجموعي تي ٻيهر نظر وڌي ۽ وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو:
”اي فاليس جا رهواسيو! هوا مون کي توهان کان جدا ٿيڻ تي مجبور ڪري رهي آهي، جيتوڻيڪ وڃڻ جي مون کي ايتري تڪڙ ڪانهي، جيتري هوا کي آهي. ان هوندي به مون کي وڃڻو ئي پوندو.
اسان جهڙا آواره گرد، جيڪي هميشه بلڪل سنسان رستي جي ڳولا ۾ رهندا آهن، ڪٿي به پنهنجو ڏينهن شروع نه ڪندا آهن، جتي ٻيو ڏينهن پورو ڪرڻ جي نوبت اچي.
سج جو اپار اسان کي ان جڳهه نه لهندو آهي، جتي سندس الهڻ اسان کي ڇڏيو هو. اسان ان ويل به هلندا رهندا آهيون، جڏهن زمين خواب ۾ غلطان هوندي آهي.
اسان عور جا مظبوط ٻج آهيون، جيڪي هيڏي هوڏي وکيرڻ جي لاءِ پنهنجو پاڻ کي ان وقت تائين حوالي نه ڪندا آهيون، جيسين اسان جي پيدائش مڪمل ۽ اسان جون دليون پر نه ٿي وڃن.
تمام مختصر هئا اهي ڏينهن، جيڪي مون اوهان ۾ گذاريا، ۽ ان کان به مختصر هئا اهي لفظ جيڪي مون اوهان سان ڳالهايا.
جڏهن منهنجو آواز اوهان جي ڪنن ۽ منهنجي محبت اوهان جي حافظي ۾ گهر ڪري ويندي ته مان وري توهان وٽ ايندس. توهان سان ڳالهيون ڪندس ، اهڙيءَ دل سان، جيڪا جذبي سان مالا مال هوندي ۽ اهڙن چپن سان، جن جي آواز تي روح جي اختيار جيءُ جيءُ چوندو.
ها! مان پاڻيءَ جي چاڙهه سان واپس ايندس ۽ پل نه موت مون کي لڪائي ۽ عظيم خاموشي مون کي پنهنجي هنج ۾ ويڙهي ڇڏي، پوءِ به توهان جي عقلن سان خطاب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، ۽ پڪ ئي پڪ منهنجي ڪوشش رائگان نه ويندي.
انڪري جو جيڪو ڪجهه مون اوهان کي چيو آهي، جيڪڏهن ”حق“ آهي، ته اهو ”حق“ واضع تر آواز ۽ توهان جي فڪرن مان قريب تر لفظن پاڻهئي ظاهر ٿيندو.

اي فاليس جا رهواسيو! مان هوا سان گڏ ضرور وڃي رهيو آهيان، پر عدم جي غارن ۾ وڃي رهيو آهيان. بس، جيڪڏهن اجوڪو ڏينهن اوهان جي ضرورتن کي پورو ڪري نه ٿو سگهي ۽ منهنجي محبت جو پيٽ نه ٿو ڀرجي ته ان کي هڪ ٻئي ڏينهن اچڻ جو واعدو ڄاڻو.

انڪري ته انسان جون ضرورتون بدلبيون آهن، پر ان جي محبت ۽ ان جي خواهش نه محبت ان جي خواهش کي پورو ڪري، نه ٿي بدلجي.

بس، ياد رکو! مان عظيم خاموشيءَ مان نڪري وري به ايندس.

اهو ڪوهيرو، جيڪو صبح جي ويل، پوکن تي ماڪ جا چند ڦڙا ڇڏي ختم ٿي ويندو آهي، آسمان ڏانهن وڃي بادل بڻجي ويندو آهي، ۽ وري برکا بڻجي زمين تي وسندو آهي.

مان اوهان جي وچ ۾ ڪوهيري جي مثال آهيان.

مان رات جي خاموشيءَ ۾ اوهان جي رستن تي گهمندو ڦرندو آهيان ۽ منهنجو روح اوهان جي گهرن ۾ وارد ٿيو آهي.

توهان جون دليون منهنجي دل ۾ ڌڙڪيون آهن، توهان جي ساهن جي ٻاڦ منهنجي چهري تي پکڙي آهي ۽ مان اوهان مڙني کي ڄاڻان ٿو.

مان توهان جي خوشين ۽ رنجن کان واقف آهيان. ننڊ ۾ جيڪي خواب اوهان ڏٺا آهن، اهي منهنجا خواب هئا ۽ گهڻو ڪري مان اوهان جي وچ ۾ ان ريت رهيو آهيان، جيئن ٻهاڙن جي وچ ۾ ندي.

اوهان جي نفس جون اونچايون ۽ انهن جي وچ ۾ وروڪڙ هيٺايون اجان به اوهان جا فڪر ۽ توهان جي تمنائن جي روان دوان قافلن جو عڪس، آئيني جيان، مون پنهنجي  هنج ۾ ورتو آهي.

منهنجي خاموشين ۾ اوهان جي ٻارڙن جا نرم ۽ نازڪ ٽهڪ نهرن جيان ايندا هئا ۽ توهان جي نوجوانن جا ارمان دريائن جيان، ۽ منهنجي گهراين ۾ پهچڻ کان پوءِ به انهن ندين دريائن جو ڳائڻ ختم نه ٿيو.

پر هي هڪ ٻي شيءِ به مون ۾ داخل ٿي، جيڪا انهن ٽهڪڙن کان وڌيڪ مٺي ۽ انهن ارمانن کان وڌيڪ وڏي شان واري هئي.

هي اهو لامحدود هو، جيڪو اوهان جي اندر آهي.

اهو انسان مطلق، جنهن جي اندر توهان سڀ جا سڀ جيو گهرڙن جي صورت ۾ نظر ايندا آهيو. اهو وجود جيڪو اوهان جي سنگيت جي سُر تار تي پنهنجي گيت ۾ ائين گم ڪري ڇڏيندو آهي جو ان جو آواز به ٻڌڻ ۾ نه ايندو آهي. انهيءَ انسان مطلق جي ڪري توهان جي حد ۽ ٻي انتها تي ٽا وجوءِ ۽ ان کي ڏسي مون اوهان کي ڏٺو ۽ اوهان سان محبت ڪئي.

ڇا محبت ڪنهن اهڙي منزل تائين پهچي ٿي سگهِي، جيڪا ان افق بعيد کان پري هجي؟

ڪهڙي بصيرت، ڪهڙي ڳهرج، ۽ ڪهڙو قياس آهي، جيڪو ان ڪان به مٿاهون اڏامي سگهي؟
توهان جي اندر اهو انسان مطلق اهڙو آهي، جيئن شاهه بلوط جو طاقتور وڻ، جنهن تي صوف جا گل ويڙهيل هجن. ان جي طاقت اوهان کي زمين سان جڪڙي رکندي آهي، ان جي خوشبوءِ اوهان کي فضا ۾ بلند ڪندي آهي، ان جو دوام توهان کي موت جي چنبي کان محفوظ رکندو آهي.
توهان کي چيو ويو آهي ته زنجير هوندي به ان جي ڪمزور ترين ڪڙيءَ جيان رهو. پر اهو قول صرف اڌ حقيقت کي ظاهر ڪندو آهي. باقي اڌ حقيقت اها آهي ته توهان ان جي مظبوط ترين ڪڙيءَ جيان مظبوط به رهو.
جيڪو به توهان کي، توهان جي معمولي ڪمن جي تارازيءَ ۾ توري ٿو، اهو ان شخص جي برابر آهي، جيڪو سمنڊ جي طاقت جو اندازو ان جي ٻي حقيقت ڳج ۽ ٻوڙين مان لڳائيندو آهي.
ها توهان سمنڊ جي مثال آهيو. ۽ جيئن وڏا وڏا جهاز توهان جي ڪنارن تي پاڻيءَ جي چاڙهه جو انتظار ڪندا آهن. پر توهان هڪ سمنڊ جيان پاڻيءَ جي چاڙهه جي رفتار تکي ڪري نه ٿا سگهو.
توهان مندن جي مثال به آهيو.
جيتوڻيڪ توهان پنهنجي سردين ۾ پنهنجي بهار کان انڪار ڪندا آهيو.
پر بهار توهان جي گهراين ۾ پيهي، مرڪندي رهندي آهي ۽ توهان جي انڪار کي لنوائيندي رهندي آهي.
ڪٿي ائين نه سمجهي ويهجو ته مان هي ڳالهيون انڪري ڪري رهيو آهيان ته توهان پوءِ هڪ ٻئي کي چئو.
ڏسو! هن اسان جي ڪهڙي تعريف ڪئي، هن صرف اسان جي خوبين کي ئي ڏٺو. مان ته صرف هنن ئي لفظن ۾ توهان سان ڳالهايو آهي.
جن جي معنيٰ توهان جي ذهنن ۾ هوندي آهي.
لفظن جو علم ڇاهي؟ اهڙي علم جو پاڇو آهي، جيئن ڪو غير عارفاڻو ڪلام.
توهان جا افڪار ۽ منهنجا لفظ، قافلي جي ٻيٺل پاڻيءَ جون لهرون آهن، جن جو وجود ماضيءَ جي وسعتن جو احسان مند آهي.
جيڪو اسان جي انهن شروعاتي ڏينهن جي ياد سان جڙيو آهي، جڏهن زمين نه اسان کي ڄاڻندي هئي ۽ نه پنهنجو پاڻ کي سڃاڻيندي هئي. ۽ جن ۾ انهن راتين جون يادون شامل آهن، جڏهن زمين تي اناڄ جي حڪومت هئي ۽ وڳوڙ ۽ بيچينيءَ کيس ڇئني پاسي کان وڪوڙي ڇڏيو هو.
عقل وارا توهان کي پنهنجي حڪمت سان مالا مال ڪرڻ آيا هئا ۽ مان توهان جي حڪمت مان ڪجهه وٺڻ آيو آهيان.

ڏسو! مون جو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، اهو حڪمت ۽ دانش کان ڪيتروئي اتم آهي.
اهو اوهان جي روح ۾ پڙڪندڙ شعلو آهي، جيڪو روز روز روشن کان روشن ٿيندو ٿو وڃي. ۽ توهان ان جي وڌڻ ويجهڻ کان بي خبر، ۽ پنهنجي عمر جي ڪوتاهين جو روئڻو روئندا وتندا آهيو.
هو هڪ زندگي آهي، جيڪا قبرن جي ڏپ کا ڏڇندي جسماني زندگيءَ جي گولا ۾ آهي.
پر هتي قبرون ناهن. هتي پهاڙ ۽ ميدان کاهيون آهن ۽ ڏاڪڻيون.
جڏهن توهان انهن ميدانن مان گذرو، جتي توهان پنهنجي گذريل زماني جي ماڻهن کي دفن ڪيو هو، ته غور سان ڏسو، اتي توهان پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي هٿن هٿ وجهي نچندي ڏسندؤ.
سچ ته اهو آهي ته توهان اڪثر خوش وخرم ٿيندا آهيو ۽ اهو نه ڄاڻندا آهيو ته توهان خوش آهيو.
مون کان سواءِ ڪيترائي توهان وٽ آئيا، جن پنهنجي سونهري واعدن سان توهان جو ايمان خريد ڪري ورتو توهان پنهنجي ذات، پنهنجي قوت ۽ پنهنجو شرف سندن نظر ڪري ڇڏيو. ۽ مون جيڪا شيءِ اوهان کي ڏني، اها وعدي کان به گهٽ هئي. پر ان جي بدلي ۾ توهان مون سان اهڙي فياضي ڪئي جيڪا ان کان اڳ ڪنهن سان به نه ڪئي هئي.
توهان مون کي زندگيءَ جي نه اجهامڻ واري اڃ ڏني.
پڪ ئي پڪ انسان جي لاءِ تحفي کان وڌيڪ ڪوبه تحفو ڏئي نه ٿو سگهي.
جيڪو هن جي سيني مقصدن کي خشڪ ۽ اجارن چپن ۾ تبديل ڪري ڇڏي ۽ سندس زندگيءَ کي پورو چشمو بڻائي ڇڏي. ۽ ان ۾ منهنجو پورو فخر ۽ منهنجو سچو انعام آهي. جڏهن به مان هن چشمي تي پنهنجي اڃ اجهائڻ ايندو آهيان ته ان چشمي جي ٻڙڪندڙ پاڻيءَ کي پاڻ اجارو ڏسندو آهيان.
انڪري مان هن کي پيئندو آهيان ۽ هو مون کي پيئندو آهي. توهان مان ڪجهه ماڻهن اهو ڄاتو ته مان مغرور ۽ شرميلو آهيان، انڪري توهان جي تحفن کي قبول نه ڪندس.
ها! مان يقيناً مغرور آهيان، پر اجرت وٺڻ جي باري ۾ تحفو قبول ڪرڻ جي باري ۾ نه.
اهو سچ آهي ته توهان مون کي پنهنجي دسترخاني تي ويهارڻ چاهيو، مون جهنگلي توت کائي پنهنجو پيٽ ڀريو. ۽ اهو به سچ آهي ته جڏهن توهان مون کي پنهنجي سمهڻ وارن نرم ۽ گداز بسترن تي سمهارڻ چاهيو ته مان عبادتگاهه جي دروازي تي سمهي رهيو هوس.

ان جي باوجود، چا منهنجن ڏينهن ۽ راتين جي باري ۾ توهان جي محبت وارو توجهه ئي اها شيءِ ناهي، جنهن هر غذا کي منهنجي ڪم ۽ ڪاج لاءِ متو ۽ منهنجي ننڊن کي خوشگوار خوابن سان رنگين بڻائي ڇڏيو.
خاص طور تي توهان جي ان سلوڪ تي، منهنجي دل مان دعائون نڪرنديون آهن.
توهان مون کي گهڻو ڪجهه ڏنو ۽ ڪڏهن محسوس نه ڪرايو ته توهان مون کي ڇا ڪجهه ڏئي رهيا آهيو.
مان پنهنجي جان جو قسم کڻي چوان ٿو جيڪو ڪر آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسندو آهي اهو پٿر بڻجي ويندو آهي، ۽ جيتوڻيڪ عمل پنهنجو پاڻ کي شاندار نالن سان ڪوٺيندو آهي اهو لعنت کي جنم ڏيندو آهي.
توهان مان ڪجهه ماڻهن مون کي تنهائي پسند ڪري سڏيو، جڻ مان پنهنجي تنهائيءَ ۾ مست آهيان.
هن چيو: هي شخص جهنگل جي وڻن سان مانوس آهي ۽ انسانن کان لڪندو آهي.
هي اڪيلن جبلن جي چوٽين تي ويهندو آهي ۽ اتان اسان جي شهرن کي نوڙي ڏسندو آهي.
اهو سچ آهي ته مان پهاڙن تي چڙهندو هوس ۽ پري پري تائين نهاريندو هوس. پر مان توهان کي ڪيئن ٿي ڏسي سگهيس، جيڪڏهن بلنديءَ تي نه چڙهان ها ۽ پري پري کان توهان تي نظر نه رکان ها. ۽ انسان ڪنهن جي قرب مان ڪيئن خوش ٿي سگهندو، جيسين هو جدائيءَ جي ڪڙائيءَ کان واقف نه هجي.
توهان مان ڪن مان مون کي برائيءَ سان سڏيو. اي اجنبي! اي پرديسي! اي تڪليف ڏيندڙ جبلن جا چاهيندڙ! تو انهن چوٽين تي چو قبضو ڄمايو آهي، جتي عقاب پنهنجا آکيرا جوڙيندا آهن؟
تون نه حاصل ٿيندڙن جي ڳولا ۾ چو ٿو رلين؟
تون ڪهڙي طوفان کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائڻ ٿو گهرين؟
اونچي فضا جو ڪهڙو پکي آهي، جنهن جو تون آسمان تي شڪار ڪندين؟
اچ ۽ اسان ۾ شامل ٿي وڃ.
هيٺ لهه ۽ اسان جي مانيءَ مان پنهنجي بک بجهاءِ ۽ اسان جي شراب مان پنهنجي اڃ کي تسڪين ڏي.
ها، پنهنجي روح جي هيڪلائيءَ ۾ وڏيڪ گهرائي هجي ها ته هو چاڻي وٺن ها ته مان سندن ئي خوشي ۽ سندن ئي غم جو راز ڳوليندو ٿو رهان.
۽ مون توهان جي ئي وجود مطلق کي شڪار ڪيوهو جيڪو آسمان ۾ نازن نخرن ۾ هو. پر شڪاري شڪار به هو.

انڪري جو ڪيترائي تير منهنجو ئي سينو چيرڻ لاءِ منهنجي ڪمان مان نڪتا هئا.
انڪري آسمان تي اڏمندڙ پکي ئي زمين تي لهندو آهي.
انڪري ته جڏهن منهنجيون ٻانهون، اس ۾ آسمان تي پکڙيون هيون ته انهن جي چانءِ، ڪچونءَ جيان زمين تي رڙهندي هئي.
مان جيڪو صاحب ايمان به هوس، مشڪوڪ به هوس.
تنهنڪري مون اڪثر پنهنجي آڱر پنهنجي زخم تي رکي.
ته شايد توهان تي منهنجو ايمان اڃان به پختو ٿي وڃي، توهان جي باري ۾ منهنجو علم اڃان به وڌي وڃي.
ان ايمان ۽ علم جي آڌار تي هاڻ مان توهان کي چوان ٿو، توهان پنهنجي جسمن ۾ قيد آهيو نه پنهنجي گهرن ۽ پوکن ۾. انڪري جو توهان جي ذات ٻهاڙن تي رهندي آهي ۽ هوا سان گڏ هلندي آهي.
اها ڪا اهڙي شيءِ ناهي، جيڪا گرمي حاصل ڪرڻ لاءِ اس ۾ هلندي هجي، يا جيڪا پنهنجي حفاظت جي لاءِ اوندهه ۾ ٻر ٺاهيندي هجي.
هوءَ هڪ آزاد شيءِ آهي، اڃان به هڪ روح آهي، جيڪا زمين کي وڪوڙيل هوندي آهي ۽ آسمان ۾ اڏامندي آهي.
منهنجي انهن لفظن ۾ توهان کي واضع بياني يا غير واضع تقرير تي نظر اچي ته ان کي واضع ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪريو.
انڪري ته واضع ۽ ڌنڌ، ٻئي هر شيءِ جي شروعات آهي. ان جي انتها نه آهن.
مان چاهيان ٿو: توهان مون کي هڪ آغاز جي حيثيت سان ياد رکو!
انڪري ته زندگي- ۽ هر زنده شيءِ جي تخليق جي شروعات ڌنڌلڪي ۾ ئي ٿيندي آهي. روشني ۽ چمڪ ۾ نه هوندو آهي.
۽ ڪنهن کي پرو آهي ته زوال ۽ فنا جون منزلون طئي ڪندي، چمڪ ۾ ڌنڌلو ٿيڻو آهي.
جڏهن توهان ياد ڪريو، ته توهان کي منهنجي هيءَ ڳالهه به ياد رهي ته جيڪا شيءِ توهان ۾ سڀ کان نبل ۽ ناپائدار نظر اچي، اهائي دراصل سڀ کان ڏاڍي ۽ سڀ کان وڌيڪ پائدار هوندي آهي.
ڇا توهان جا ساهه ئي ناهن، جن تي توهان جي هڏن جا پڃرا جوڙيا ويا آهن؟
ڇا ان خواب، جيڪو توهان سپني جي خوابن ۾ محو ٿي ڇڪو آهي، توهان جي شهر جو بنياد نه رکيو ۽ ان شهر جي هر شيءِ نه سجايو؟
بس جيڪڏهن توهان پنهنجي ساهن کي ڏسي سگهو، ته ان جي سوا هر شيءِ جا نظارا وساري ويهو ها.
جيڪڏهن توهان جي پنهنجي انهن خوابن جون سرگوشيون ٻڌي سگهو، ته ٻين سپني آرزوئن جي طرفان پنهنجا ڪن بند ڪري ڇڏيو ها!

پر توهان نه ٿا ڏسو، نه ٻڌو ٿا ۽ اهوئي توهان لاءِ بهتر آهي. انڪري جيڪو پردو اوهان جي اکين تي پيل آهي، ان کي اهي ئي هٿ ڪٽي سگهندا آهن، جن اهو پردو اڻيو آهي. ۽ اها مٽي جيڪا اوهان جي ڪنن ۾ پريل آهي، اها انهن آڱرين سان ڪڍي ٿي سگهجي، جن ان مٽيءَ کي ڳوهيو آهي.

هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن توهان ڏسندؤ ۽ ٻڌندؤ! پر ان مهل نه توهان کي پنهنجي انڌي هجڻ تي افسوس ٿيندو نه پنهنجي ٻوڙي هجڻ تي.

ان ڏينهن توهان شين جي لڪل عادتن کي سمجهڻ لڳندؤ. ۽ ظلمت کي به ايتروئي مبارڪ سمجهندؤ، جيترو مبارڪ توهان نور کي سمجهندا آهيو.

پنهنجي خطاب مان واندو ٿي هن هيڏي هوڏي نظر ڊوڙائي ۽ ڏٺائين ته سندس جهاز جا ملاح، پنهنجن ونجهن جي پرسان بيٺا آهن. هو ڪڏهن هوا ۾ ڦڙڪندڙ سڙهن کي ڏسي رهيا آهن ۽ ڪڏهن پري افق ڏانهن نهاري رهيا آهن.

منهنجي جهاز جو ملاح ڪيترو صابر آهي.

هوا گهلي رهي آهي ۽ سڙهه ڦڙڪي رهيا آهن. ونجهه به اشاري جا منتظر آهن. ان جي باوجود به هو خاموشيءَ سان منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. ۽ انهن ملاحن، جيڪي منهنجا ساٿي آهن، جن سمنڊ جا گيت ٻڌا آهن، ڪيتري سڪون سان منهنجيون ڳالهيون ٻڌيون آهن.

هاڻ ڪين منهنجو وڌيڪ انتظار ڪرڻو نه پوندو، مان تيار آهيان.

ندي، سمنڊ جي هنج ۾ پهچي وئي آهي. ۽ فطرت جي ماءُ پنهنجي ٻار کي ٻيهر سيني سان لڳائي رهي آهي.

اي فاليس جا رهاڪو! الوداع! اجوڪو ڏينهن پورو ٿيو.

ڏسو! هو اسان تي پنهنجي چادر ائين ويڙهي رهيو آهي، جيئن ڪنول پنهنجي اچڻ واري سڀاڻي تان پنهنجيون پنکڙيون پري ڪري ڇڏيندو آهي.

جو ڪجهه هاڻ اسان کي ڏنو ويو آهي، اسان ان کي محفوظ رکنداسون.

جيڪڏهن اسان جي ضرورت پوري نه ٿي ته اسان کي وري هيڪر ملڻو پوندو.

۽ هن جي وجود جي آڏو گڏجي هٿ ڊگهيرڻا پوندا، جنهن پنهنجي نعمتن جو حصو اسان جي حوالي ڪيو آهي.

اهو نه وساري ويهجو ته مان اوهان وٽ ٻيهر به ايندس.

گهٽي دير ڪانپوءِ نه پر چند ئي ڏينهن ۾. منهنجو شوق هڪ نئين جسم جي جوڙڻ لاءِ نئين مٽي ۾ گڏ گڏ ڪندو.

ها چند ڏينهن ڪانپوءِ، جڏهن مان هوا جي ڪلهن تي ٿوري دير آرام ڪري وٺندس.

هڪ عورت مون کي پنهنجي گرڀ ۾ پاليندي.

اجازت! توهان کان ۽ ان جوانيءَ کان، جيڪا مون اوهان جي وچ ۾ گهاري آهي. اجازت! ڪالهه اسان هڪ ٻئي سان خواب ۾ مليا هئاسون.

توهان منهنجي هيڪلائيءَ ۾ گيت ڳائي رهيا هئا. ۽ مان توهان جي ذوق ۽ شوق سان آسمان تي هڪ مينار جوڙي رهيو هوس.
پر هاڻ منهنجي اک کلي وئي آهي ۽ اسان جو خواب ٽٽي پيو آهي.
هاڻ سج ڪني ڪڍڻ وارو آهي.
سج اسان جي مٿان اچي ويو آهي ۽ اسان ننڊاکڙي مان پوري سجاڳيءَ ۾ تبديل ٿي چڪا آهيون. هاڻ اسان کي رخصت ٿيڻو پوندو.
جيڪڏهن اسان کي يادن جي ڌنڌلڪي ۾ ٻيهر ملڻو آهي، ته اسان ٻيهر هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪنداسون، ۽ توهان مون لاءِ گيت ڳائيندؤ جيڪي پهرين گيتن کان وڌيڪ گهرا هوندا. ۽ جيڪڏهن اسان جا هٿ هڪ ٻئي خواب ۾ ملندا ته اسان آسمان تي هڪ ٻيو مينار تعمير ڪنداسون.
اهو چئي هن ملاحن کي اشارو ڪيو ۽ ملا حن ان مهل سڙهه سنباهيا.
هنن جهاز جا پڳهه ڇوڙيا ۽ جهاز اوپر طرف چرڻ لڳو.
ماڻهن جو چيخون اڀريون، جڻ اهي هڪ ئي دل مان نڪري رهيون هيون ۽ الفجر جي ظلمتن کي چيريندي ون، سمنڊ ماٿان لنگهي ويون. هڪ المترا هئي، جيڪا ماٺ ميٺ ۾ بيٺي جهاز کي نهاري رهي هئي. ايستائين جو اهو ڌنڌ ۾ ملي ويو.
مجموعو ٽڙي پکڙجي ويو. پر هوءَ دير تائين بيٺي رهي. هن جي دل ۾ وجڻ واري جا هي لفظ گونجي رهيا هئا:
”ها چند ڏينهن ڪانپوءِ، جڏهن مان هوا جي ڪلهن تي ٿوري دير تائين آرام ڪري چڪو هوندس، هڪ ٻي عورت مون کي پنهنجي گرڀ ۾ پاليندي!“

****************************

پورو ٿيو.

# وائيس آف سنڌ اِي بُڪ پبلشر

www.voiceofsindh.net